# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سِه ماهي عِلمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٢٠، نمبر ١

١٩٧١ع

LIBRARY,
Institute of Sindhology
University of Sind Jamshoro Sind





سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، ديني ادب جي نمائش جي موقعي تي، بورڊ جو سيڪريٽري، مسٽر غلام رباني، سنڌ جي گورنر، ليفٽيننٽ جنرل رخمان گل کي ديني ڪتابن جو تحفو پيش ڪري رهيو آهي.
هيٺ: گورنر صاحب بورڊ جا ڪي ناياب ديني مخطوطا ڏسي رهيو آهي. (رپورٽ صفحي ٢٠٩ تي)



# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٢٠] [نمبر ١


## فهرست


گذارش ـــ ادارو.

### شعر

بيت (ص ١)؛ ڪافيون (ص ٤)؛ وايون (ص ١٢)؛ گيت (ص ١٧)؛ نظم (ص ٢٣)؛ آزاد نظم (ص ٣٤)؛ غيرملڪي زبانن جي شاعري (ص ٤٤)؛ غزل (ص ٤٥)؛ قطعا (ص ٦٢)؛ رباعيون (ص ٦٧)؛ نيون طرزون (ص ٧٢)؛ مثنوي (ص ٧٣).

### افسانا ۽ ڊراما

| | | |
|---|---|---|
| ١. ڏاڙيل جانو جمعدار | ـ محمد عثمان ناطق | ٧٧ |
| ٢. سڪ ۽ سياست | ـ ڪارتا ا.چ.ت<br>مترجم: نجم عباسي | ٨٥ |
| ٣. نوڙيءَ جو ٽڪر | ـ سوپاسان<br>مترجم: غلام نبي ميمڻ | ٩١ |
| ٤. ادب لطيف | ـ خليل جبران<br>مترجم: م.ع. ناطق | ٩٦ |
| ٥. اوندهه ۽ روشني (ٽيليويزن ڊرامو) | ـ امر جليل | ٩٨ |

### مقالا

| | | |
|---|---|---|
| ١ ڏهين صديءَ هجريءَ جي سنڌ | ـ سيد حسام الدين راشدي | ١١٣ |
| ٢. سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ | ـ قريشي حامد علي خانائي | ١٧٦ |
| ٣. رباعيءَ جي فني حيثيت | ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ”خليل“ | ١٩١ |
| ٤. حضرت ابوسعيد ابوالخير | حبيب الله مولا بخش ڀٽو | ٢٠٢ |
| ـــ ادبي خبرنامو | ـ ادارو. | ٢٠٩ |



ايڊيٽر: غلام محمد ”گرامي“

# مهراڻ

"امين منزل"، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ

ملڻ جو هنڌ:

١. سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال، امين منزل، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ.
٢. سنڌ جا سيئي وڏا ڪتب فروش.

**قيمت ٢-٥٠ رپيا**

ساليانو چندو ١٠-٠٠ رپيا — في ڪاپي ٢-٥٠ رپيا

Printed and Published by Shaikh Ali Muhammad, at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, and Book stall, Amin Mansil, Gadi Khato, Hyderabad, Sind

# گذارش

## نئون سال

نئين سال جي شروع ٿيندي، ”مهراڻ“ پنهنجي سفر جون اٺويهه منزلون طئي ڪري آيو آهي. علم ۽ فن جو سفر بيشڪ اوکو ۽ اڻانگو سفر آهي، پر راهه جي ڄاڻن ۽ تجربيڪارن جي ساٿ سان اهو سولو به ٿئي ٿو ۽ پُرلطف به رهي ٿو. ”مهراڻ“ پنهنجي علمي ساٿين ۽ تجربيڪار فنڪارن جي ساٿ ۽ تعاون لاءِ ٿورائتو آهي، جن سالن کان وٺي، ”مهراڻ“ کي پنهنجي علمي ۽ ادبي شاهڪار مواد سان پئي نوازيو آهي. اميد آهي ته اهڙا پُرخلوص ۽ صداقت شعار اديب، شاعر، افسانه نگار ۽ اهل قلم، ”مهراڻ“ سان ساٿ نباهيو ايندا. سنڌي ادب جي خدمت جي سلسلي ۾ اها به هڪ قسم جي عبادت آهي، جا علم ۽ فڪر جي تربيت ۽ فروغ لاءِ ڪئي وڃي ٿي.

هن نئين سال جي مبارڪ موقعي تي ”مهراڻ“ جي ليکڪن ۽ پڙهندڙن کي دلي مبارڪ ڏيندي اهو به عرض ڪنداسون ته اسان کي پنهنجي ادبي ۽ فني سفر ۾ پنهنجي ڪيل خدمتن جو احتساب به ڪرڻ گهرجي. صحتمند ۽ زندگي بخش ادب جي تخليق جي سلسلي ۾ اسان جو ڪجهه به ڪري چڪا آهيون، اهو بيشڪ مسرّت بخشيندڙ آهي، پر موجوده دؤر جي تقاضائن آهر اڃا به ڪجهه وڌيڪ تعميري ۽ صحتمند ادب تخليق ڪرڻو آهي.

هن دؤر جي انسان کي اڃا تائين اهو سڪون حاصل نه ٿي سگهيو آهي، جو سندس بنيادي حق ڪري سمجهيو ويو آهي. علم ۽ سائنس جي ترقيءَ هوندي به اجتماعي طرح سان انسان کي گهڻو ڪجهه گهرجي. ان مسئلي جو رد عمل آهستي آهستي پيدا ٿي رهيو آهي. فڪر جي صاحبن ۽ محققن، آزاد ۽ علمي نموني ۾ تنقيدي انداز سان جا ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، ان ۾ غم ۽ سوز جو احساس نمايان ٿي چڪو آهي، چنانچه هڪ معنيٰ ۾ ان کي اعتراف به چئي سگهجي ٿو. ان قسم جي اعتراف جي صداءِ باز گشت هر مشهور محقق جي ڪتابن ۾ موجود آهي: مثال طور هن دؤر جي وڏي محقق ۽ مورخ پروفيسر آرنولڊ. جي. ٽوئن بي جي خيالن ۽ راين کي مطالع ڪريو، جو هن دؤر ۾ انساني تاريخ ۽ تهذيب جو وڏو عالم ڇيو وڃي ٿو. لکي ٿو:

حاڪمن، بادشاهن، اميرن ۽ شاعرن جي ملاقاتن جو ذڪر ڪيو آهي سنڌ ۾ ان وقت ارغون دؤر جو خاتمو ٿي رهيو هو ۽ شاهه حسن ارغون بيمار ۽ معذور ٿي چڪو هو. ان طرح شهنشاهان هند، همايون ۽ جلال الدين اڪبر سان به سندس ملاقاتون ٿيون. جڏهن ته پاڻ وڏو شاعر هو، ان ڪري اهم واقعات تي تاريخي قطعا پڻ لکيا اٿس ۽ عشقيه ڪلام پڻ درج ڪيو اٿس. سيدي علي رئيس جي ان سفرنامي جو نالو آهي "مراة الممالڪ" ۽ اصل ترڪيءَ ۾ ڇپيو آهي. جناب سيد صاحب جن سفرنامي جي انهن ٽنهي بابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جن مان هڪ جو تعلق ارغون ۽ ترخان دؤر واري سنڌ سان آهي ۽ ٻئي باب جو تعلق هندستان سان آهي، ان باب ۾ همايون ۽ جلال الدين اڪبر جي ملاقاتن جو ذڪر آندو اٿس. ٽنهي بابن ڪي ترجمي ڪندي، جناب سيد صاحب جن متن جو ترجمو، براه راست ترڪيءَ مان ٿيل اردو ۽ انگريزيءَ ترجمن سان گڏ، خود ترڪيءَ متن کي به اڳيان رکيو آهي، جنهن مان واضح ٿو ٿئي ته هي ترجمو اڳين کان وڌيڪ مستند چئي سگهجي ٿو. پيو ته بيه ترڪي حوالن ۽ شعرن جو پڻ ترجمو ڏنو ويو آهي. تاريخي واقعات ۽ معاملات کي سمجهڻ لاءِ سيد صاحب جن تعليقات ۽ فوٽ نوٽ به ڏنا آهن، ۽ آخر ۾ سمجهاڻين جي عنوان سان ترڪيءَ ۾ آيل شعرن جو ترجمو ۽ تاريخي واقعن جي وضاحت پڻ ڪئي اٿن. هن مقالي جي علمي ۽ تحقيقي حيثيت کي اڳيان رکي، ٽنهي ترجمي ٿيل بابن جو اصلي ترڪي متن پڻ بلاڪن ذريعي ڏنو ويو آهي. سيد صاحب جن لکن ٿا:

"ترڪي ٻيڙي جو اميرالبحر سيدي علي رئيس ڏهين صديءَ هجريءَ جي ٽئين چوٿائيءَ جي شروعات ۾ سنڌ ۽ هند ۾ هو. هن پنهنجو سفرنامو مراة الممالڪ جي نالي سان لکيو، جنهن ۾ ڪيئي چشم ديد واقعا، جيڪي سياسي طرح سان وڏي اهميت رکن ٿا، لکيا اٿس. ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون آنديون اٿائين، جيڪي پنهنجي تاريخ ۾ ڪونه ٿيون ملن."

اميد ته هي سفرنامو سنڌ جي تاريخي ادب ۾ محققانه ۽ مورخانه اضافو ٿيندو.

ٻيو مقالو "سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ" جي عنوان سان، قريشي حامد علي خانانيءَ جو لکيل آهي. موضوع تاريخي ۽ مذهبي آهي، ۽ وڏي مطالعي ۽ جستجو، تحقيق ۽ تلاش جو محتاج آهي. تاهم هن مقالي ۾ اهي سڀ ضروري چيزون آيل آهن، جن جو تعلق سنڌ جي تاريخ سان آهي. اميد آهي ته ساڳيو مقاله نگار ڪنهن ٻيءَ صحبت ۾، ان موضوع سان تعلق رکندڙ باقي مسئلا به تاريخي خيال سان بيان ڪندو.

ٽيون مضمون به تاريخي آهي ۽ مشهور صوفي رباعي گو شاعر ابوسعيد ابوالخير رحه جي سوانح ۽ مختصر ڪلام تي مشتمل آهي. اهو مضمون جناب حبيب الله ڀٽي جي مطالعي ۽ ڪاوش جو نتيجو آهي. صوفيانه شاعريءَ ۽ تصوف سان ذوق رکندڙ دوستن لاءِ پڙهڻ جهڙي چيز آهي.

”ڏاها! ٻرائي چمڪي تي پاڻ نہ ڀُلاءِ! ڪجھہ پنهنجو بہ خيال ھلاءِ، ٻاھر جي ھرھڪ ڳالھہ کي چنبڙي پوڻ ۽ ان تي اکيون ٻوٽي عمل ڪرڻ، پنهنجي غلام طبيعت جو ڏوکو آھي، ۽ پنهنجي ڪمزور دماغ جو ثبوت آھي. قدرت چاھي ٿي تہ پنهنجي مير پنهنجن اصولن پٽاندر آسرڻ گھرجي.

مان اھا ڳالھہ خاطريءَ سان ٿو چوان تہ جنهن تي پنهنجي ملڪ ۽ مذھب جو ٺپو ھجي تنهن کي بہ صحيح سمجھي پلي قبول ڪر ۽ استعمال ۾ آڻجي. ان جي خلاف جيسين ڪافي ثبوت نہ مليو آھي، تيسين ان کي رد ڪرڻ حماقت ۽ جھالت نہ آھي تہ ٻيو ڇا ھي؟ ۽ ساڳئي وقت جنهن تي ٻاھر جي ڇاپ لڳل ھجي، تنهن کي يڪدم رد ڪرڻ نہ جڳائي، جيستائين ان کي رد ڪرڻ لاءِ ڪافي ثبوت نہ ھٿ اچن.“

# ڪافيون

## "سرويچ" سجاولي

رتا ڳوڙها ڳنوارن لاءِ، ڳاڙيءَ رات راتوڪي،
ڏري پيس ڏسي تن جي طرف مينهن جي ماندوڪي.

هتي جڏهن ڪون ڪنوڻيون، ڪتيرا ڪن خوشيون کِليون،
وراهي ڪير ۽ ڪڇيون، پيئن پائر ۾ پادوڪي.

سنگهارن مال جي سانگي، چنا چن ۾ اڏيا چانگي،
پڌايم ڪوٽ ۾ ڪانگي، اچي هي ۽ ٿيل ڪالهوڪي.

ڳنواري ن گيچ ڳايا ڪي، مکي مينڌا سڙه ايا وي،
وري ۽ وڙا چڙهايا جي، تہ تي چيئن ۾ چاندوڪي.

پڄن "سرويچ" آسائون، مِيثن سان شل سلان آئون،
پڇائي پاڻ ۾ ڪائون، مکن جهڻ سان مني ڪوڪي.

## "خادم" سروري

*

ڪا جا لنؤن تہ سڄڻ، مون کي لائي ويا،
منهنجي پاڳ ستل کي جاڳائي ويا.

سڏي سار ڪري، مون کي ساريئون ٿي، اک اک ۾ وجهي مون کي پياريئون ٿي،
مون کي ماريئون ٿي، مون جياريئون ٿي، سون سُنجهيل کي سمجهائي ويا.

سون کي روز پياريئون وره وٺيون، اسان راتيون ڏاڍيون سئيون ڪٽيون،
پلا ڪيئن ٿا اهڙا سخن مٽيون، جيڪي رُنندي کي پرچائي ويا.

سون سان وره وڏا آهن ويرو وري، اوکي ڳالهہ اها آهي، اڳيئي ڳري،
جنهن کي عشق لڳو، سا ٿيندي چري، سون کي اهڙا پول پڌائي ويا.

پنهون ناهي، پيرين پوان، پاند پائي،
سندس خاڪ خالي لڱن کي ٿي لايان.

"اسد" نيٺ ايندو پنهون پاڻ پيهي،
پنهنجي پر ۾ سائينءَ کي ويٺي ستايان.

"نشتر" ناڻنشاهي

*

توکي دل جو حال ٻڌائي، وينس دشمن جان بڻائي.
پنهنجو پاڻ کي جوڳي بنائي سڪ جو ساز هٿن سان وڄائي،
وينس نانگن کي مان گهرائي.
ڪنهن سان پيار جو پاند مون پاتو، اڳ پوءِ ڪي ڪين ڪي ڄاتو،
ڇڏيم سڪ جو سات لٽائي.
بيدرد اڳيان ويٺس روئي، تيو قدر نه ان وٽ ڪوئي،
ناحق نيڻ ڇڏيا مون وهائي.
ڪيڏي قرب ۾ ٿي وئي دغا آ، ڪاڏي ڏوکو ويئي وفا آ،
ايڏو سادو ڪير سڏائي.

احمد خان "آصف"

*

مون ڪان پارس پاڪ پنهل کي،
ڏور وئي ويا ڏير، اديون!

هاڻ ٻچائن آيا پلپل، پنند انهن جا پير، اديون!
آري واٽ وئي ويو جيڪا، سرها سي سڀ سير، اديون!
ڏونگر ڏيندا ڏس پنهل جو، دم نه ڪيان ڪو دير، اديون!
پاڇه پروچن ڪانه ڪئي ڪا، ڪيئون ظلم انڌير، اديون!
زال ضعيفان سان زوراور، واري ويٺا وير، اديون!
هام هٿان ڇا هوتن سان مان، آهيان ڪمتر ڪير، اديون!
ڀاڳن ڪين ڀڙايو "آصف"، ڪرمن ۾ ڪو قير، اديون!

## بهاول خان لغاري

*

کرهو موتائي ڪاڪ تي، توں راضي تي آءُ راڻا،
راضي تي آءُ راڻا الا، محب ڦتا ڪر ماڻا.
سِڪ نہ آهي ساهہ کي، الا، ساڙيان طول وهاڻا.
تنهنجي هجر فراق جا، الا، سوين سور ساماڻا.
تنهنجي اڇڙجون راهون نهاري، الا، روئن ٿا نيڻ نماڻا.
"بهاول" جي منٿ مڃي، الا، اچي وساءِ پنهنجا پاڻا.

## رحيم بخش "قمر"

*

تيس بيمار جن لئي سي پڇڻ وارا ڪڏهن ايندا،
دلاسا درد وارن کي ڏيڻ وارا ڪڏهن ايندا.
لکي لوڪون، ڳجهيون ڳالهيون ڪندس سالن جون سڄڻن سان،
سندم دل جي ڳجهين ڳالهين ٻڌڻ وارا ڪڏهن ايندا.
اکين ۾ سون سٺي محبوب لئي محلات ناهي آهي،
انهيءَ محلات ساڙيءَ ۾ وهڻ وارا ڪڏهن ايندا.
ملائي نيڻ نيڻن سان پرين ڇوڙي پڳهہ هليا،
خدا ڄاڻي سي موتي دل ڪسڻ وارا ڪڏهن ايندا.
ڪري وعدا ورڻ وارا ويا آهن جي وڻجارا،
"قمر" سي درد دک دل جا ڪٽڻ وارا ڪڏهن ايندا.

## "عاجز" آچڻ

*

دل ۾ دود دکن، عشق آگ ٻري،
منهنجي توکان سوا، نتي ساعت سري.
توکي ياد ڪري، منهنجا نيڻ رئن،
تنهنجا پور پون، سوين سور اٿن،
اچي ياد پرين، لڙيو لڙک پون:
ڪري قرب سڄا، اچ مهر پري.

تو جفائون ڪيون، مون وفائون ڪيون،
تو ڏڪاري ڇڏيو، مون صدائون ڪيون،
مون ڪي بخش مٺا، مون خطائون ڪيون،
سائين ساڻ نہ مٺ، اٿين، ساک ڀري.

ڪيڏا وعدا ڪيئہ، ڪيڏا قول ڪيئہ،
ڇو وساري ڇڏيئہ، جيڪي ٻول ڪيئہ،
اهڙو ناتو مون سان، ڇالئہ رول ڪيئہ،
جيڪو هاڻ سڄڻ، نٿو توکان پري.

<u>نثار "بزمي"</u>

*

ڪونجون! ڪاڏي وڃو ٿيون قطار ڪري،
جهٽ ترسي پئو ڪا تنوار ڪري.

منهنجي ملڪ جو سنيهو ڀي ساڻ کڻو،
سارو ياد ڪري، پَرَ پوءِ هڻو،
ڦاٿو فڪر ۾ آهيان مان هڪڙو ڇڻو،
هاڻي نير ٿو نيڻين نار ڪري،
ڪونجون! ڪاڏي وڃو ٿيون قطار ڪري.

نالي رب جي هي منهنجو عرض سچو،
جيڪو هٿ تو ڪري، تنهن جي هٿ ڪي ڀچو،
لڙي لالڻ ڏي ستان ڪونہ وڃو،
جيڪو مون ڪي ڏکي ويو ڏار ڪري،
ڪونجون! ڪاڏي وڃو ٿيون قطار ڪري.

نڪو حال وٽي، نڪو قال وٽي،
نڪو جيئڻ هيئڻ جنجال وٽي،
نڪي زر ئي وٽي، نڪو مال وٽي،
پايان لڙڪ ڪلي ۾ ٿو هار ڪري،
ڪونجون! ڪاڏي وڃو ٿيون قطار ڪري.

چـڻـجـوس، چـا "بزمي" ڏوهـ ڪـيـو،
مهڙو ڏينهن چـو مـون کـي ڏسڻو پـئـو،
منهنجي دل تـي، وئـي پـر، سيڪي ويـو،
ڪـهـڙا عـاشـق هـار سـيـنـگـار ڪري،
ڪونجون! ڪاڏي وڃـو ٽيون قطار ڪري.

"عاصي" کهڙائي

*

عشق سندي آزار، جيڏيون! منهنجو جيءُ جلايو.

حـال ڪـان ٿـي بيحال وڃايم پنهنجو قلب قـرار.
سک نہ سرتيون، ساهہ سندم کي بت ڪنان بيزار.
نيڻ نـمـاڻـا نـرتئون نهاري نير وهـائـن نـار.
فڪر ۾ ڦٽيون ٽيڙم ساٿي، پل نہ پري تون گهار.
ڪاڄ خوشيون سڀ وـري ويئون، ويڙا انند اپار.
وهڻ ٿيو وهـم، بيني گـذري سنهنجي ليل و نهار.
راهون نهاري، پرين پڇائڻ، ڪرت هي ٽيڙم ڪار.
جاني، جان جڏيءَ تي جيار، قرب ڪجئين ڪوهيار.
محب ملڻ لئي مـانـدي آهـي "عاصي" تـو آڌار.

"عزيز" ڳاڙهوي

*

پون ياد پلپل پهنوارن جون ڳالهيون،
ٽريچن اباڻـن سنگهارن جون ڳالهيون.

جنين مـون کي پاليو پـريـن سي پـيـارا،
نـمـاڻـا سـپـاجـهـا ۽ ايـثـار وارا،
پـلائـي نـہ پلجن پـلارن جـون ڳالهيون.

وطـن جـي محبت جـو مـون کي قسم آ،
ٽـريچن تـان قـربـان سنهنجو هـي دم آ،
وٽن ٿيون ڏٺـن ۽ ڏنارن جـون ڳالهيون.

پتن جون لڪن جون ۽ لوڙهن جون ڳالهيون،
جوانن جون ٻارن جون پوڙهن جون ڳالهيون،
سڀاڻان ڇا ساٿيهه وارن جون ڳالهيون.

صبا چنچ مارن ڪي آهيان اوهان جي،
جگر جان سر ساهه ساري توهان جي،
پياريون ٿيون پرت وارن جون ڳالهيون.

عبدالحميد مگريو

*

پري قرب جا پير ڪامل قريب،
اسان تي اچي ڪر عنايت عجيب.

سوا تنهنجي هت تي نه ساعت سري،
ٻره ۾ بدن پيو ٿو جانب! ٻري،
ڪڏهن هن ڪنيءَ تي ڪرمڙو ڪري:
ڪريو مهرباني ملڻ جي مجيب.

محبت سندي مرض ماري ڇڏيو،
اٿئي پهر قوڙائي ڳاري ڇڏيو،
اثر التجا، جيءُ جاري ڇڏيو،
ڏيو ترت ترياق مون کي طبيب.

ملي وچ تون سگهين مهجور سان،
مريض محبت ۽ مجبور سان،
مون مغموم ماندي ۽ معذور سان،
رهي تي هي حسرت هيئين ۾ حبيب.

تي آزاري الفت، عجيبا اچو،
هيئين هار، هيڄ جا حيلا اچو،
وڪوڙي ويون ويرون، وسيلا اچو:
مري مفت "مگريو" ٿو گولو غريب.

# وايون

شيخ "اباز"

( ١ )

ڳـاڙهـا ڳـپـرو آئـيـا ـ
دولهہ سنهنجي ديس جـا!

در در ونـڙيءِ پانهنجا مرڪي وار وچـائيا ـ
دولهہ سنهنجي ديس جـا!

واري تن تي جندڙي، هي جي ويريءَ گهائيا ـ
دولهہ سنهنجي ديس جـا!

لال لهوءِ ۾ گهوٽـڙا ڳـوٽ ڳلي سان لائيا ـ
دولهہ سنهنجي ديس جـا،
دولهہ سنهنجي ديس جـا.

( ٢ )

ونجهہ تـکيرا وانجهيو!
گـهـاٽُ پـري آهـي.

ڪارا ڪن اٿـاهـہ جـا اچـا اڳيرا وانجهيو!
گـهـاٽُ پـري آهـي.

لهرون لڙ درياهہ جـا هيل گهٽيرا وانجهيو!
گـهـاٽُ پـري آهـي.

ٽڪرايو طـوفـان سان سرخ ڦريرا وانجهيو!
گـهـاٽُ پـري آهـي.
گـهـاٽُ پـري آهـي.

## عبدالڪريم "پلي"

در در پاڻ نہ رول، تنھنجو ساجن تو ۾ آهي.
هڪ هيڪائي چاڻ حقيقت، ٻولي نہ ٻي ڪا ٻول.
در در پاڻ نہ رول.
ورنهہ وار نہ آهہ پراهون، ٻوريل اکيون ڪول.
در در پاڻ نہ رول.
وحدت واري ويڙهہ ۾ ويهي، فڪر سان دل ڪي قول.
در در پاڻ نہ رول.
وهم "ڪريم" وڃائي سيئي، پنھنجي پاڻ ۾ ڳول.
در در پاڻ نہ رول.

## احمد خان "آصف" مصرائي

هوت اچي ڏس حال.
ڳوڙها ڳلن تان ڪين سڪن ٿا.

نيڻ نماڻا نير وهائن، فرقت ۾ في الجمال:
ڳوڙها ڳلن تان ڪين سڪن ٿا.
گوندر غم ۾ گهڙيون گذرن، سڪندي ٿيڙم سال:
ڳوڙها ڳلن تان ڪين سڪن ٿا.
ترسن ديدون درشن خاطر، جلوو پساءِ جمال:
ڳوڙها ڳلن تان ڪين سڪن ٿا.
ننگ سڄائي قرب ڪرم ڪر، ناقص تي اننگپال:
ڳوڙها ڳلن تان ڪين سڪن ٿا.
سڙئي معلوم توکي آهن، "آصف" جا احوال:
ڳوڙها ڳلن تان ڪين سڪن ٿا.

## "غازي" ٺڪراڻي

وسندا رهندا تنھنجا سنڌڙي! محبت ڀريا ماڳ:
الوميان، محبت ڀريا ماڳ.
نيٺ تہ ماڻگي آلاپيندا، سنڌڙي تنھنجا راڳ:
الوميان، محبت ڀريا ماڳ.
"هوشو" "دودي" جھڙا جوڌا، جاهہ ڪري ويا چاڳ:
الوميان، محبت ڀريا ماڳ.
چنگ وڄائي، تنھنجا چارڻ توکان وندا لاڳ:
الوميان، محبت ڀريا ماڳ.

يوم "طراز"

ور ۽ ونگ اڄ وات اسان جي، ٺاهيون ڍاهيون ڍاهيون ٺاهيون،
ڪاڪ سندا ڪيئي ڪوٽ الا.

سچ صدين کان ڏاگهه چڙهي ٿو، گهائل ڪيئي گهوٽ الا،
ڪاڪ سندا ڪيئي ڪوٽ الا.

پاڇاري سڀ پنهنجي آڏن، آهه جدا سڀ جوٽ الا،
ڪاڪ سندا ڪيئي ڪوٽ الا.

ڪيڏي جنهن پي بازي هاري، دنيا اهڙي ڪوٽ الا،
ڪاڪ سندا ڪيئي ڪوٽ الا.

پنهنجن اهنج رسايو جڳ ۾، چاهت ڪاڏي چوٽ الا،
ڪاڪ سندا ڪيئي ڪوٽ الا.

غلام حسين "رنگريز"

تنهنجو نينهن نواب نچائي،
گهور سنديئي گهاو وجهي پئي گهائي.

اڄ ڪو ڪومل درد پيو دل کي ڪائي،
تنهنجو نينهن نواب نچائي.

وينس دل ۾ تنهنجي ياد سمائي،
تنهنجو نينهن نواب نچائي.

مڙس متير وڏيئي ماري ڪان لڳائي،
تنهنجو نينهن نواب نچائي.

تنهنجي تاب تجلي پئي بيتاب بنائي،
تنهنجو نينهن نواب نچائي.

زلف پڪيڙي دام چڏيا ٿئي ڦهلائي،
تنهنجو نينهن نواب نچائي.

ڏور رهين پر ڪيئن توکي "رنگريز" پلائي،
تنهنجو نينهن نواب نچائي.

## "عاجز" آچر

پنهنجو پنهنجو آهه تخيل، شاعر، مصور سوچ:
او ڍوليا! پنهنجي پنهنجي لوچ.
ڪنهن جي پيڙا رنگن هائي، ڪنهن جي لفظن ۾ وچ:
او ڍوليا! پنهنجي پنهنجي لوچ.
ساڳي منزل، ماڳ به ساڳيو، ساڳي من ڪي موچ:
او ڍوليا! پنهنجي پنهنجي لوچ.
هر ڪنهن جهولي او آرائين! ڪي گلڙا، ڪي گوچ:
او ڍوليا! پنهنجي پنهنجي لوچ.
پوءِ به پنهي ۾ ايڏي دوري، سالڪ! ڪجهه ته سوچ:
او ڍوليا! پنهنجي پنهنجي لوچ.

## "مسڪين" نصرپوري

مانجهي مرد مٿيرن سان، اٽڪي ڪو نه شيرن سان.
چچريا ۽ چيپاٽيا ويندا، ديس جا دشمن پيرن سان،
اٽڪي ڪو نه شيرن سان.
سينو ساهي ڪو نه سگهندو، دولهه ديس دليرن سان،
اٽڪي ڪو نه شيرن سان.
تنهنجا ڪوٽ قهر جا ظالم، ملندا مٽيءَ ڍيرن سان،
اٽڪي ڪو نه شيرن سان.
پنهنجي جيجل سنڌڙيءَ تان، گهور ٿبو لک ڀيرن سان،
اٽڪي ڪو نه شيرن سان.
ظلم سندا زنجير ۽ زندان، پرزا ٿيندا پيرن سان،
اٽڪي ڪو نه شيرن سان.
امن جا پانڌي ديس جا دولهه، ايندا صبح سويرن سان،
اٽڪي ڪو نه شيرن سان.
سنڌڙيءَ جا سرويچ سپاهي، ڪٿي ايندا سڀ خيرن سان،
اٽڪي ڪو نه شيرن سان.

"اطهر" منگي

پاپي هي سنسار، او ساجن، پاپي هي سنسار.

ڪوبه نه هتڙي ڪنهن جو آهي، هرڪو مطلب جو آ يار:
پاپي هي سنسار!

ڏاڍن جو هٿ ڏاڍ هميشه، هيٺا هردم ڪائن مار:
پاپي هي سنسار!

سک ۾ سيڪو ساٿي آهي، ڏک ۾ ڪوبه نه آ غمخوار:
پاپي هي سنسار!

زر وارن جي موج مدائين، مسڪينن جي هردم هار:
پاپي هي سنسار!

پيٽ ٻڪيا ۽ انگ اگهاڙا، محنت وارن جا ڏس ٻار:
پاپي هي سنسار!

پورهيت جو هٿ قدر نه ڪوئي، ساڻن لهي سرمائيدار:
پاپي هي سنسار!

ماڻهوءَ جهڙي چيز جو "اطهر"، مُلهه آ ڪوڏيون چار، او يار:
پاپي هي سنسار!



# گيت

شيخ "اياز"

جيجل، منهنجو جيئڙو!
هئ هئ منهنجو جيئڙو!
آئي مند گلاب جي.

هر کنهن پاتا هار، هوا ۾ چڳ چڳ تي مهڪي،
رُت جي ريت نرالي آهي، رڳ رڳ تي ڇهڪي.
ها، پر هو سانگيئڙو!
هئ هئ منهنجو جيئڙو!
آئي مند گلاب جي.

ڪوڪي ڪوڪي گهايل من ۾ ڪويل ڪنهن کي ڪانڍي،
هر هر آءُ اچان چائنٽ تي ڪيئي سپنا سانڍي.
ڪوبہ نہ پائي ليئڙو!
هئ هئ منهنجو جيئڙو!
آئي مند گلاب جي.

ڪنهن کي ان جو ڪئٿ نہ آهي، موت ڪڏهن تو ماري،
مون ڪان پوء نہ ڄاڻان بي ڪا، جيڪا در تي ٻاري.
ڏورانهين لئہ ڏيئڙو!
هئ هئ منهنجو جيئڙو!
آئي مند گلاب جي.

### "تنوير" عباسي

آءُ ڳڇيءَ جا هار—
هنشين جا هار،
الا، او آءُ هاڻي!

چانڊوڪيءَ ۾ وهنجي سهنجي، هير جي خوشبو ٻُٽ تي لاتم،
پنهنجا وار هوا ۾ کولي، تنهنجي خاطر ڇهاتيون پاتم:
هار ڪيم سينگار — ڳچيءَ جا هار،
الا، او آءُ هاڻي!

منتن سيڙين سان مچي جي، چنڊ ڪي تنهنجي لئه ترسايان،
تنهنجي واٽ ۾ سرهيون مکڙيون، وقت سان ويڙهه ڪري به وڇايان:
او سر جا سينگار — ڳچيءَ جا هار،
الا، او آءُ هاڻي!

رات نه ترسي وئي وهامي، ڏان تہ اچا ڏي بيٺي آهيان،
وقت وَهيءَ کي نيندو، سائين! آن اِلڪي ۾ الجهي آهيان:
وقت نہ ڪنهن جو يار — ڳچيءَ جا هار،
الا، او آءُ هاڻي!

آءُ ڳچيءَ جا هار—هينشين جا هار—الا، او آءُ هاڻي!

### "سليم" ڳاڙهوي

هوريان ڏاڍيان هل او راهي، هوريان ڏاڍيان هل!
هوريان ڏاڍيان هل!

گڏجڻ سڏجڻ، سور ورهائڻ، قرب جو ڪاروبار،
پنهنجا آخر پنهنجا ٿيندا، پنهنجن کي ڪر پيار،
هيٺن کي هر حال ۾ گهرجي ٻول جو مٺڙو ٻل،
هوريان ڏاڍيان هل.

تنهنجو شان وڏڻ ئي آهي، وڏ او سانجهي وڏ،
تنهنجي خاطر سونهان ٿيندا صبح ۽ سانجهي وڏ،
پنهنجي منزل سان مچائج سوجن ۾ هلچل،
هوريان ڏاڍيان هل.

جاڳڻ سانئي ياڳ ملي ٿو، ستا نہ سونهن شير،
وير وڏن ٿا اڳتي اڳتي، پوء نہ ڪن ٿا پير،
پار پسڻ لئہ پاڻ پتوڙج، پاندي ٿي پلپل،
هوريان ڏاڍيان هل.

"هوشوء" وارو هوش ۽ حشمت سيکنهن ڪي سيکار،
"دودي" وانگر ديس جي دز تان صدقي ٿي ڏيکار،
دولهہ دريا خان جا دنيا چو نہ ڏسي دنگل،
هوريان ڏاڍيان هل.

ناتر جهڙيون ٻجي سڄي وات وڃائڻ ايندء،
نانگ بلائون ڦوڪون ڏيئي پير هٽائڻ ايندء،
هلندي هلندي سرکي ملندء منزل ٿي مومل،
هوريان ڏاڍيان هل.

او راهي،
هوريان ڏاڍيان هل.

"سليم" سرهندي

تون ڏاڍو، آءٌ هيڻي، لنؤ لنؤ تنهنجو ڏهڪاء،
تون سائين آءٌ تنهنجي گولي، ڪير نبيري سنهنجو نياء.

اندر ۾ آڙاهہ پرن پر ٻاڦ نہ ٻاهر مور ڪيان،
چشڪا پريو وِهہ جون وٽيون ڪليو پيان ۽ گيت لڪان،
مرڪ تہ منهنجي هرڪو ڏسي پر ڪونہ ڏسي ٿو دل جا گهاء.

رشتا ناتا سيڻ سياڪا سڀ ڪوڙا گورک ڌنڌا،
ڌن جي ديوي هرڪو پوڄي مايا ٿي سڀ انڌا،
سائي جا سڀ ساٿي سنگي، آپري جو ڪونہ پراء.

گلڙن جهڙا مکڙا ڪومايل مکڙيون منڙن جون اجڙيل،
هاء خدا جو خاص خليفو حضرت انسان اهڙو ڏتڙيل،
هاء هي برسيل باغ جلايو کهڙي زهريلي واء.

ڪنهن کي پنهنجو حال ڏسيندس،
ڪنهن سان ويهي سور سليندس،
صدقي ويندو سانءِ، او سائين!
واپس ڀو ورجانءِ!

فرقت تنهنجي ڦٽڪائيندي،
ڦٽڪائيندي، تڙپائيندي،
پُونءِ نہ ايندم پانءِ، او سائين!
واپس ڀو ورجانءِ!

لڙڪن جا لک هار بنائي،
وهندس پنهنجي گل ۾ پائي،
آهيان پنهنجي نانءِ، او سائين!
واپس ڀو ورجانءِ!

چار گهڙيون تو گڏجي گهاريو،
مائن سان تو ”بزمي“ ماريو،
توسان کهڙي ٿانءِ، او سائين!
واپس ڀو ورجانءِ!

## ”نظير“ ڏکڙائي

بادل برسيا آس نراس، روئي نيڻن نير وهايو.

ڀردا رات جا ڪارا ڪارا، ساڳيا سهنا سوڀيا وارا،
ڀور ڀيارا سور نيارا، چوڏهين بنجي وئي اماس،
چانڊوڪيءِ ڀهروپ بنايو.

تارن جا ٽڪسات ۽ ٽيڪا، آڏا ابتا ليڪا ليڪا،
خالي چونڊڙ هوڏ هٽيڪا، پاڇن تي ڇا رکبي آس،
پاڻ ئي پنهنجو پاڻ ملهايو.

انگ انگ تي ٽي چولي جهرڪي، وک وک تي ٽي چوري چرڪي،
ڪو پيو ڏڙڪي ڪو پيو ٽڙڪي، جنم جنم پون تيو بنواس،
جيون آهي ماڳ مڃايو.

او ساٽي او جيون جي، نيت نيت نسري تنهنجو نينهن،
تنهنجي رات ته تنهنجو ڏينهن، اڄ تان ڪٿيون ڪوٽ قياس،
سڪ جو سينو رکي سوايو.

ننگ "نظير" تي کهڙو هاڻي، جيڏانهن سوري تيڏانهن تاڻي،
مومل جهڙا ماڻا ماڻي. ڌرتيءَ تي ٿي ايندو داس،
پيت اگهاڙن جو سرمايو.

## "عاصي" کهڙائي

هاءِ جوڳي جهاتي پائي،
ويو پرديسي لنون لائي.

محب ملڻ هر وقت سيارون، ڪاڻ ڪميٽيءَ خلق خواريون،
سائين سُر مَ ملائي.

من جو ڏٺي تون، تن جو ڏٺي تون، نڌر نماڻي ڇو نه ڳئين تون،
مُنهڙو وئين ڇو ستائي.

لاڻ لوڪ جا طعنا تنڪا، پرت ڳهٽائي ڪين سگهن ٿا،
حيلا توڙي هلائي.

پرين! پريشان حال رهڻ آ، ديدون لائي راهون تڪڻ آ،
ويٺي وات واجهائي.

کهڙي سبب وئين مُنهڙو موڙي، ڳاريو ڳتين، ساڙيو وڇوڙي،
غم اندوهه ڏو ڪائي.

آسي عاجز تنهنجي حوالي، ريت رسڻ جي ڇڏ رب نالي،
"عاصي" ڇڏ مَ رلائي.



# نظم

عبدالڪريم "گدائي"

## خطاب

اي سنڌ جا جوانو، جيجل جا پاسبانو،
دودي جا وارثو ۽ هوشوء جا ترجمانو،
آخر هي صبر ڪيسين؟ مارن تي جبر ڪيسين؟
هت ظلم جا مروڙيو.

سنڌين جو نام نامي، آهي اسم گرامي،
اي شاه جا پيامي، سرمست جا سلامي،
افسوس هي غلامي، آهي اسان کي پوڙيو،
هت ظلم جا مروڙيو.

سر ساڻ سر ملايو، اڳتي قدم وڌايو،
جبر وستم جو نالو، هن ديس تان ميٽايو،
رشتو وري دوباره، پٽ شاه ساڻ جوڙيو،
هت ظلم جا مروڙيو.

هي غير جي غلامي، آ ڪفر جي نشاني،
ڪيسين ڀلا ڪٽيندا، ذلت جي زندگاني،
آزاديء وطن لئي، اڄ پنهنجو رت ولوڙيو،
هت ظلم جا مروڙيو.

ساڻيهه جا جوانو، جيجل جا پاسبانو،
شاگرد نوجوانو، مزدور ۽ ڪسانو،
آزاديء جو جهنڊو، ارض وطن ۾ کوڙيو،
هت ظلم جا مروڙيو.

روشني ياد جي ڪنئي ٿم ساڻ،
ٿي سڳو سار جو پٺي سوريان،
غم جي نشه ۾ ٿي رهان غلطان،
غم جي اونده ۾ آس ايئن آيري،
دک جي گهرائي مان يقيناً "سام"،

غم بنا هت نه بي‌سمر ڪا اچي.
آه ۾ تيزيء اثر ڪا اچي.
ذيرَ جوش جگر اندر ڪا اچي.
جئن ٿي قوس قمر نظر ڪا اچي.
دانهن مشڪل ٿي بي‌اثر ڪا اچي.

"آثر" نانشاهي

## وير

دنيا ۾ هجي ها نه جي ايڏو اندير،
پڪ آ نه پوء پيدا ٿي پوي ها ڪو شير،
او شمس، او منصور، او سرمد صوفي!
ڏاڍن ڪان وٺي جيڪو اوهان جو ها وير!

او شمس، خدا ترس، ذرا ڏيم نه ڪَلَ،
ڪنهن ڪي نه پئي توتي انهيء وقت ڪهَل،
مُردي ڪي جياري، تو بچايو جن ڪي،
جنهن وقت آنهن تنهنجي پئي لاٿي کَلَ!

منصورا او مظلوم، خدا جا ساسي،
ڏاڍن سان خطا ڪهڙي هئي تو باسي،
"حق" توکان "اناالحق" ٿي چوايو - تو چيو؛
ان ڳالهه تي ڪيئن توکي ڏناٶن ڦاسي؟

هاڻ عشق جي هڪ آهه اها پي سرحد،
معبود کي سجدا ڏنا جنهن ڪن عابد،
تو پنهنجي "ابيچند" کي پوڄيو ٿي، پوء،
تلوار سان توکي ڇو ڪٽياٶن سرمد!

چئبو ته اجا نڪو پيو آ احساس،
انسان اجا آهه آهوئي راڪاس،
ليڪن نه ٿيڻ گهرجي اوهان کي مايوس،
بيداد جي ٿي ويندي آوَس ستياناس.

هت مفلس سڀ مزدور مليا، بدحال مليا، ڪنگال مليا.
هت شاهي آهي وڏيرن جي، ۽ هاري هيٺا حال مليا.
هت راڄ هلي ٿو چورن جو، ۽ ڏاڍن سينه زورن جو.
هت موجون ميرن پيرن جون، بدخواه ۽ چمچه گيرن جون.
هت ڏينهن ڏني جو ڌاڙايون، هت ظلم، ستم ۽ ارڏايون.
هت وير وطن جا روز ڪُسن، هن پاپ نگر ۾ پاپ ٿين.
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، ۽ توسان ڪهڙو حال ڪجي؟
هي شهر جفا جو ڇڏٺو آ، پيو شهر وفا جو آڏٺو آ.

هن شهر جفا جي ڳالهه نه ڪر،
هت روز وفا جو قتل ٿئي!

"تاج" جويو

## او سنڌ امان!

او سنڌ امان! او سنڌ امان!
تو عرب ڏٺا، ارمان ڏٺا،
تو مغل ڏٺا، ترخان ڏٺا؛
ارغون ڏٺا، انگريز ڏٺا،
تو نادر، ممدخان ڏٺا؛
تو ڪيئي آمرخان ڏٺا،
تو ڌارين جا ڌمان ڏٺا؛

او سنڌ امان! او سنڌ امان!
تو ڏک ڏٺا، تو سور ڏٺا،
تو قيد ڏٺا، تو بند ڏٺا؛
تو غيرن جا غلبا به ڏٺا،
تو قيريدار جا ڦند ڏٺا،
تو ظلم سٺا هر ظالم جا،
هر ڏاڍي جا تو ڏنڊ ڏٺا.

او سنڌ امان! او سنڌ امان!

تو قهري قيد ڪڙول ڏٺا،
زندان ڏٺا، زنجير ڏٺا؛
تو رت ڏٺا، تو رنگ ڏٺا،
تو نيزا، ڀالا، تير ڏٺا،
تو ٻيڙيون، ڪڙيون، ڪان ڏٺا،
تو ويڙهو وطن جا وير ڏٺا.

او سنڌ امان! او سنڌ امان!

تو پنهنجن ساڻ ڪلور ڏٺا،
تو غير ڏٺا، انڌير ڏٺا؛
تو ڏاڍا ظالم ڏير ڏٺا؛
تو مانجهي مرد ملير ڏٺا،
جن ورتا تنهنجا وير ڏٺا.

او سنڌ امان! او سنڌ امان!

تو ڏتڙيل کي آڌار ڏنو،
هڪوار نه ٻه ٻه سؤ وار ڏنو؛
اناج ڏنو، گهر ٻار ڏنو،
پاپوهه ڏنو ۽ پيار ڏنو؛
تو ساز ڏنو، سامان ڏنو،
تو هن کي هر وهنوار ڏنو.

او سنڌ امان! او سنڌ امان!

تو چغل چنيسر چور ڏنو،
جنهن توکي مارڻ چاهيو ٿي؛
جنهن ڪاهه ڪرائي غيرن کان،
تو ماءُ کي ميٽڻ چاهيو ٿي؛
خلجيءَ کي ٻاگهل ٻانئيءَ جو،
جنهن سنگ ڏيارڻ چاهيو ٿي.

او سنڌ امان! او سنڌ امان!

تو ڳاڙها ڳيرو گهوٽ ڏنا،
تو ارڏا ۽ اڻموٽ ڏنا؛
تو مرد ڏنا، مهمير ڏنا،
تو ننگر پارا گهوٽ ڏنا؛
تو هاسو سوڍا شير ڏنا؛
تو چام ڏنا، چاموٽ ڏنا.

او سنڌ امان! او سنڌ امان!

مخدوم بلاول پارا تو،
ڪئين جيري جوڌا جوان ڏنا؛
جن رت ڏنو، جن ويڙهه ڪئي،
تو ڪيئي درياخان ڏنا؛
تو شاه عنايت شينهن ڏنا،
تو ارڏا ڪئين انسان ڏنا.

او سنڌ امان! او سنڌ امان!

هت هوشوءَ پارن سِر ڏنو،
۽ رتُ سان ريتي راند ڪئي؛
هت دودل شير جو رت وهيو،
جنهن ويرين سان ويڙهاند ڪئي؛
جنهن ڏاڪ چمائي ڌرتيءَ تي،
۽ ڏارين سان هيڪاند ڪئي.

او سنڌ امان! او سنڌ امان!

تو امر حياتي پاتي آ،
تو ڏاڍ سٺا، بيداد سٺا؛
تو سنڌ کي شينهن جي ڇاتي آ،
او سنڌ امان! او سنڌ امان!

"مجذوب" لاشاري

# الا ڙي! اباڻا، نه وسرن ڪڏهن!

ٻلر، ٻير، ٻُسيءَ تي سي ٻارس ٻرن،
گهڻي چاهه سان چالون ڇيها چرن،
وٽاڻن طرف سي وڏي سڄ ورن،
نظارو ڀسي نيڻ، نت نت ٺرن،

ڀٽن ڀر ۾ ڀاڻا، نه وسرن ڪڏهن،
الا ڙي! اباڻا، نه وسرن ڪڏهن.

وٺا مينهن مون ڪي مبارڪ ملي،
ڪيون ديس وارن دعائون دلي،
وطن سان ويو، روح منهنجو رلي،
ڪٿا ڪير ڪاٺر ۾ ڪاڏر ڪيلي،

مزا ماڻدتاڻا، نه وسرن ڪڏهن،
الا ڙي! اباڻا، نه وسرن ڪڏهن.

سدا سال مارن جو ڇيها چري،
ٻسي ڀوڪون پاڻڙ جون دل تي ٺري،
اچي ڏٿ سندا ڏوٿي، گوندا ڀري،
رکي هٿ آيس، سان چوندو ڪري،

دلي ۾ ٻي داڻا، نه وسرن ڪڏهن،
الا ڙي! اباڻا، نه وسرن ڪڏهن.

هجن سانگي سرها سي جهانگي جين،
سدا سوز سڪ سان ٻلر جي ٻين،
ڏکن جو نه ڏوراپو ڏوٿي ڏين،
الاهي عجب ٿيوڪ ٿر ۾ ٿين،

للر لنب لاڻا، نه وسرن ڪڏهن،
الا ڙي! اباڻا، نه وسرن ڪڏهن.

وسي مينهن مارو لڪن ٿا لڏين،
پري پاءُ پونگا، پٽن تي اڏين،
ڪٿي ڇيڪ ڇانگون، ڇنن ۾ ڇڏين،
سدا سرتيون مون کي، سِڪ سان سڏين،
ٻڪا ٻڌ ٻراڻا، نہ وسرن ڪڏهن،
الا ڙي! اباڻا، نہ وسرن ڪڏهن.

مَ شل مارو مون کان محبت مٽين،
ڪري قرب ڪنهن پر ڪڙولا ڪٽين،
عمر کان تہ مون کي ڪٽيرا ڪٽين،
پٽن پر ۾ سي لوڙه منهنجو لٽين،
ٽڏا ٽاڪ ٽاڻا، نہ وسرن ڪڏهن،
الا ڙي! اباڻا، نہ وسرن ڪڏهن.

اٿم آس دل ۾ الاهي اچان،
خدا واڳ واري وطن شل وڃان،
پلي جون پلايون سدا سي سچان،
ڪڙا ڪلف ڪوٽن جا ڪنهن پر پچان،
مٺن ساڻ ماڻا، نہ وسرن ڪڏهن،
الا ڙي! اباڻا، نہ وسرن ڪڏهن.

ڪِرن ڪوٽ ڦهري، وڃي ٽر ٽيان،
ڪلي ڪيرون تن ڏوٽين کي ڏيان،
ٻڪن سان ٻلر ٻاڪ پاٽي پيان،
ملن شال ”مجذوب“ مارو ميان،
سدا حب* هاڻا، نہ وسرن ڪڏهن،
الا ڙي! اباڻا، نہ وسرن ڪڏهن.

”وفا“ ناٿنشاهي

## غلط فهمي

تون جڏهن پنهنجي گهٽيءَ مان لنگهندي،
اوچتو منهنجو تي آواز ٻُڌين.
ڪنهن بهاني سان ڏِسڻ لئہ مون کي،
پنهنجي دروازي ٻمهي تي رهين.

اوستائين تون رهين ٿي ٻيٺي،
جيستائين مان نظر تُنهنجيءَ کان.
ايترو ڏُور هليو ڪونه وڃان،
يا ڪوئي سوڙ ڪٿي ڪونه وڃان.

ڪو ڏسڻ وارو اِئين ٿي چوندو،
دور حاضر جي تون ليلي آهين.
دل تي سيني ۾ رکين سُهڻيءَ جي،
وقت جي مومل ۽ عذرا آهين.

ماروي آهين وفاداريءَ ۾،
ذهن ۽ احساس ۾ راڌا آهين.
چڻ ته شيرين جي سهيلي آهين،
چڻ ته همعصر زليخا آهين.

پر ڏسڻ واري کي ڪا ٿا هي معلوم،
تون سچو ڏينهن ائين ٿي بيٺي.
جو ٻه هِن تُنهنجي گهٽيءَ مان ٿو لنگهي،
عادتاً آن کي ڏسڻ ٿي ٻيٺي.

هو ڪٿي عمر جو کهڙو ٻه هجي،
هو ڪٿي توکي ڏسي يا نه ڏسي.

غلام سرور پکهيو

## وطن جي حب

وطن جي محبت تو ايمان سمجهان، چمن هن جي الفت ٿو ايمان سمجهان،
گلن جي مان نگهت ٿو ايمان سمجهان، هي خوشبو جي دولت ٿو ايمان سمجهان.

قرار دل و جان وطن جي محبت، رڳن ۾ ٿي دوران وطن جي محبت،
تصور ۾ رقصان وطن جي محبت، وطن جهو وڏو مان ۽ شان سمجهان.

خوشي سان فضائن کي آباد ڪريان، وطن جي غريبن جي دل شاد ڪريان،
وطن کي مصيبت کان آزاد ڪريان، خدا جو اهو خاص احسان سمجهان.

"ناشاد"

# حالِ دل

نڪي آ دشمني هُن سان، نڪي آ دوستي منهنجي،
هُو تاريڪي بہ مون لئہ آ ۽ آهي روشني منهنجي.
نهايت ئي قريب هوندي، نهايت دور ئي آهي،
ڏسو ٿا رهزني هُن جي، ڏسو ٿا عاشقي منهنجي.
سڪونُ مليو تہ آخر سايہء زلفِ پريشانُ ۾،
ڪٿي مون کي ڇڪي آئي آ اڄ آوارگي منهنجي.
شبِ غم ٿي گريزانُ، پرتوئے رخسار جانانُ سان،
دنيا وارو! بسر ٿي هن طرح ٿئي راتڙي منهنجي.
نگاهِ نيم وا جي وارُ آهي نيم بسمل ڪيو،
مَران ٿو ۽ جيان ٿو، آ عجب ٿي زندگي منهنجي.
وڃي پيئي مسلسل ذهن ۾ سا ڇير جي ڇم ڇم،
نہ گذري ٿي پڙاڏي کان ڪا خالي هڪ گهڙي منهنجي.
مان هڪ آواره و وارفتہ پهتس ڪُوي جانان ۾،
خدا هن سان جي گڏ هو، مون سان ساٿي هئي خودي منهنجي.
الا، ڪُنجِ قفس ۾ روز قيدي ٿي سان ڪاٽيان ٿو،
ڇڪي وئي عجب گوشي اندر آزادگي منهنجي.
جڏهن رشڪِ غزالانِ ختن نغمہ سرا ٿي آ،
تڏهن کان قابلِ ديد آهہ ٿي بيچارگي منهنجي.
حياتي وقف ٿي وئي جهانِ رقص و نغم لئہ،
مگر ٿي ڪين پوري آهہ دل جي تشنگي منهنجي.



# آزاد نظم

"آثم" ناٿنشاهي

## گولي

ڪنهن تکي ڪَرت جيان جيپ هلائڻ وارا،
مون تي وارن جي مٿان وار ڪرڻ وارا دوست!
تورو ڪَڪِ تي،
مون رڳو ٻين ڇنڊي آ پنهنجي،
جنهن ڪي سمجهين تو "ٽري نات ٽريءَ" جي گولي.

## ڪڙ

تو چيو:
"سنهنجي سنگت ڪير جيان پاڪ ۽ صاف آهي؛"
مون چيو:
"ڪير ته اڪسير به آ پير به آ،
ڪير مان نيٺ مکڻ ئي نڪرندو،
۽ آهو سارو مکڻ توکي ورائي ڏيندس."
پر-
وقت ڪان اڳ ئي انهيءَ ڪير ۾ ويو پئجي ڪڙ،

## پياس

تنهنجي روپ جي ڪوهه جو پاڻي،
ٿڌڙو ٿڌڙو، سُڏڪن جهڙو،
منڙو منڙو، ماڻن جهڙو،
جيتر جيئان،
پلپل پيئان،
پوءِ به مون کي ڏءُ نه ٿئي،
شال ڪڏهن ٻي ڏءُ نه ٿئي!



# غيرملڪي زبانن جي شاعري

Prof: Dr: H.C. Gerd Lupke (West-Germany)
پروفيسر ڊاڪٽر ايچ. سي. گرڊ ليوپڪي (اولهہ جرمني)

## خوشي
(Happiness)

ڪيئي ڀيرا،
پڙهيون اٿئون، خوشي ڇاهي؟
ڪيئي اهڙيون شيون آهن،
خوشي سڏيو ويو آهي،
جني کي ئي سدائين ڪان!

انهيءَ هوندي،
گمان آهي فقط مون کي، سو هي آهي:
گهڻن ئي ماڻهن ماڻي خوشي آهي سچي، اصلي!

چون ماڻهو ٿا جيئن اڪثر:
صرف هي ئي خوشي آهي–
سا آهي اصل ۾ طاقت ۽ دولت جي خوشي ڪُوڙي،
سمورا هي آجالا ڏيک جا آهن؛
نظر جو وهم هي آهي، ۽ دوکو آ،
حقيقت ۾ اهو رنج و الم جو دلنشين رنگين پاڇو آ،
خوشيءَ جو صرف نالو آ!

پرين! توکي ميڇڻ گهرجي:
خوشي پنهنجي هٿن جو ئي ثمر آهي،
اسان خود ٿا خوشي پوکيون،
اسان کان ٿي ٿئي پيدا،
محبت سان پريل هر دل خوشيءَ جو ئي "ڪان" آهي!

مترجم: "ناشاد"
Translated by: "Nashad"

"سليم" ڳاڙهوي

●

بحر پرجي ڇلي رهيو آهي، درد دل ۾ وڌي رهيو آهي.
ابر آهن يا هي آکيون آهن، وڏ ڦڙو ڪو وسي رهيو آهي.
آشيانا سوين سڙيا هوندا، دود ڏاڍو دکي رهيو آهي،
برق و باران جگر ۽ اکين ۾، دل ۾ طوفان هلي رهيو آهي.
حادثن کان، غمن کان، المن کان، سر ۾ سودا اچي رهيو آهي.
بربريت کيائي رهي آهي، هاءِ انسان جلي رهيو آهي،
حسرتن جي انيڪ لاشن تي، "اهرمن" اڄ نچي رهيو آهي.
ڪجڪلاهن جي بارگاهن ۾، پاپ هردم پلي رهيو آهي.
هي تماشو عجب تماشو ٿيو، ڪوڙ سچ تي کلي رهيو آهي.
حيف، انسان ڪٿي تو انسان کي، شرم کان سر جهڪي رهيو آهي.
ڪو بهارن ۾ پي رهيو گريان، ڪو خزان ۾ کلي رهيو آهي.

هي حڪايت بيان ڪيئن ڏيندي،
لب تي لهجو ڏڪي رهيو آهي.

"سليم" سرهندي

●

جگر کي خون ڪري دل کي لاله زار ڪندس،
چمن ۾ پنهنجي بهارن کي اشڪبار ڪندس.

ملائي تنهنجي نگاهن سان دل جي ڌڙڪن کي،
فضا کي مست هوائن کي نغمه بار ڪندس.

اوهان جي زلف جي خوشبو پکيڙي عالم ۾،
جنون جو عام زماني ۾ ڪاروبار ڪندس.

سنده اکين جو سقدس شراب ڇڻڪاري،
خدا جي خلقت کي غفلت سان هوشيار ڪندس.

هوا ۾ زهر گهليل آهي ساهه تنو گهٽجي،
اوهان جي مرڪ سان ماحول خوشگوار ڪندس.

## ”نديم“ انصاري

●

ميون لڱاءِ، وڻين مان نئو خمار اچي،
پياڪ پره جو تو در اميدوار اچي.

ملي جو تنهنجي هٿان، مون وٽان سو ڪيئن موٽي؟
ازل جو آهي اجايل هي ميگسار اچي!

چمن جي راه ڪڏهن پي، چمن نہ آهہ اتي،
قدم قدم تي قدم ڪي نظر تو خار اچي.

چڪن ۾ چيڙه، چنبڙن ۾ جيئون پيون هاڻي،
الهي! شل نہ اباڻن کي مون کان عار اچي.

وڻن تي پيون، هوا ۾ خمار و مستي آهہ،
اسان جي دل کي مگر جو نئو قرار اچي.

ماڻ جني مهل وڇوڙي جو ويل ساري ٿو،
بهار ۾ بہ دلين کي نہ تو قرار اچي.

اوهان جي گهوُر جي گهايل ۽ دل جي ماريل کي،
نہ کي تو موت اچي ۽ نہ تو قرار اچي.

”نديم“ کي تو پري پاڻ کان ڪيو ڇو آهہ؟
نظر ويچارو تہ دائمن تو اشڪبار اچي.

## نثار ”بزمي“

●

وصل بهتر آهہ جدائيءَ مان وري چا تو ٿئي،
ڪوڙ، ڪيني جي ڪمائيءَ مان وري چا تو ٿئي.

ڪانگ سونهي ڪانگ سان ۽ مور مورن سان ٺهي،
غير جي در تي رسائيءَ مان وري چا تو ٿئي.

بندگي اهڙي هجي، جنهن جو چنگو بدلو هجي،
خالي سجدن جي ادائيءَ مان وري چا تو ٿئي.

چوتي ڌڪڙي رب" جي قائم ۽ دائم تي رهي،
جسم خاڪيءَ جي وڏائيءَ مان وري ڇا ٿو ٿئي.

ڪم اچي ڀو نيڪ سيڪنهن کي چڱائي تي اچي،
فائدو ڪوئي بُرائيءَ مان وري ڇا ٿو ٿئي.

ڪنهن جو ڪنهن سان ڇا وڃي، هرڪو وڃي پنهنجي ڪري،
ڏس! ڀچُرَ ڪنهن جيءَ پرائيءَ مان وري ڇا ٿو ٿئي.

شل هجي انسان جي انسان سان رغبت وڏي،
ڪو ٻڌائي بيوفائيءَ مان وري ڇا ٿو ٿئي.

جانبِ تقدير کان روزي، مقدّر تي جڏهن،
باقي ڪُرڪڻ ۽ ڪڌائيءَ مان وري ڇا ٿو ٿئي.

ڀان کي آهي سڃاڻڻ ۽ ٿي مولا جي شناس،
هين يا هُن جي آشنائيءَ مان وري ڇا ٿو ٿئي.

دل منجهان جا بات نڪري، سا رکي تاثير تي،
باقي "بزمي" ٻَڪ اجائيءَ مان وري ڇا ٿو ٿئي.

## احمد خان "آصف"

●

تنهنجو چهرو مه لقا چڻ آهه چهرو چنڊ جو،
تو اچي آن ۾ ڏسڻ ۾ رنگ ڳهرو چنڊ جو.

تون سراپا حُسن ليڪن چنڊ ڀتّر ۽ مٽي،
سون اجايو ورتو نالو تي آپهرو چنڊ جو.

تنهنجي رخ تي منهنجي دل، منهنجي نظر آهي ائين،
جيئن چڪوري تي ڏئي هروقت پهرو چنڊ جو.

مهر تي ڪشتي ۾ نڪتين هن جي پٺي توتي نظر،
ڪو ڏسي ها رشڪ کان جهومڻ ۽ لهرو چنڊ جو.

چنڊ چوراسي مڙن "آصف" نه مَٽُ محبوب جي،
هي ته هڪ تيو همسَري ۾ ڪهڙو ٻهرو چنڊ جو.

ڪيڏو بلند ۽ پاڪ مقام آهي هن سندو، اي ڪاش! تون نيائي ڏسين دوستي ڪڏهن.
چشمِ صنم جي ڪرشمي جو چاچوان اي دوست! برپا ڪيائين حشر جڏهن پيي ملي ڪڏهن.
حاصل ٿئي ٿي پيار ۾ تنهنجي ”جليل“ کي، فرقت ۽ بيقراري ڪڏهن، شاعري ڪڏهن.

لقمان ”حڪيم“

●

زندگي ۾ چا نه چا انسان کي ڪرڻو ٿو پوي،
گردشِ ايام کان بي منوت مرڻو ٿو پوي.

جو به پٿر دل ٿيو، مغرور يا گردن فراز،
وقت جي چڪي کي سو هڪ ڏينهن ڏرڻو ٿو پوي.

جو غريبن جو پيئي ٿو خون راشي ٿي رذيل،
آتشِ ذلت ۾ تنهن کي نيٺ ٻرڻو ٿو پوي.

خود غرض ٿي خلق کي جيڪو پريشان ٿو ڪري،
اهڙي آدمخور کان هرڪنهن کي پڇڻو ٿو پوي.

راڄ وارن کي ٿري، ڪائي صفا پوتار ويو،
مات وارو پي مٿو، ڪچي کي لڏڻو ٿو پوي.

نيڪ صورت پير ٿي پيو آهه بهرِ روزگار،
دين فروشن کي به رهبر اڄ ته چوڻو ٿو پوي.

قدر ويو اشراف جو، عيار آهي معتبر،
اهڙي موسم وني اچي خاموش رهڻو ٿو پوي،

جو چوي ٿو سچ انهيءَ کي ڪاٽ ۾ قابو رکن،
تنهنڪري پنهنجي زبان کي بند رکڻو ٿو پوي.

ٿيو مصيبت ۾ پريشان جنهن جو آ سادو لباس،
روز شب جور و ستم مجبور سهڻو ٿو پوي.

آبرو انسان جي آ بي آبرو پيسي اڳيان،
هت ”حڪيما“ پاڪ دامن کي به ڊرڻو ٿو پوي.

هي زماني جا حوادث يا فلڪ جو ڦيرو،
عشق مجبور ڪئي، حسن ضيا بار ڪئي.

منهنجي يوسف جي ثنا ”يوسف ڪنعان“ ٿو ڪري،
شهر جانان تي سگهي مصر جي بازار ڪئي.

آتش هجر جلائي ٿي جگر منهنجو ”عزيز“،
زندگي منهنجي ڪئي اهڙو پلا بار ڪئي.

## مرزا فياض علي بيگ ”فياض“

●

شوق جي شاهيءَ وٽ پڻ ناهه خاطر جو جواب،
دل جي آئيني ۾ آهي ديدِ دلبر جو جواب.

ڪعبهٔ دل مان هي بت خارج ٿيا، داخل ٿيا،
رهجي پهلو ۾ ٿيو الله جي گهر جو جواب

وصل جي شب اي موذن! تي تو ڦيرائي چڙي،
دم هو لب تي مون ڏنو الله اڪبر جو جواب.

هو سوالِ مدعا تسڪين خاطر جي ڪري،
منهنجي مايوسي وڏي پڌندي ستمگر جو جواب.

منهنجي قسمت ۾ لکيل ناهي ڏسان جلوو سندءِ،
منهنجي محرومي ستان آهي مقدر جو جواب.

رئڻ جي مون کي اجازت ماهرو جيڪر ڏئين،
قطرو قطرو ڏيندو پوءِ ناياب گوهر جو جواب.

مون لکيو پنهنجي پريشانيءَ جو ان کي حال زار،
هن لکيو چا، چا ڏنائين، قلب مضطر جو جواب.

بيرخي تنهنجي ڏسي دل جو پيو شيشو پڃي،
ساقيا! توکي ڏيان ڇا هاڻ ساغر جو جواب.

سخت صدمن کان دليون تو نرم آهن سپ کيون،
سڪ وجي تون هاڻ اي ”فياض“ پٿر جو جواب.

## "ساجد" لعلوو ري

●

پرائي غم جهان عشق ۾ تيسو اشڪبار آهيان،
هميشه باعث بيتابيءِ دل بيقرار آهيان.

اجا تائين ڪلي ڪا گلشن دل جي ڪلي ناهي،
ائين آهيان ته ڄڻ باغ خزان ديده جو خار آهيان.

اها ساده دلي منهنجي، ڏسو ناهي ته پيو چاهي؟
زماني ۾ ڪندو هرهڪ بشر تي اعتبار آهيان.

خبر ناهي ڪڏهن محبوب ملندو مون سان اي موليٰ،
مان جنهن جي جستجو ۾ دوستو! ليل و نهار آهيان.

ائين اڄ راهه ۾ رولي ويو آ ڪاروان مون کي،
نه آهيان راهرو، ڄڻ راهه جي گرد و غبار آهيان.

نه هڪڙو پل بسر پنهنجو ٿئي ٿو عيش ۾ هائي،
وڃائي ڪنهن جي وينو عشق ۾ صبر و قرار آهيان.

ٿيسو سرتاج ثابت جو، حسين مه جبين جو،
انهيءَ جي لئي سراپا مبتلاي انتظار آهيان.

محبت ۾ سمايل مان، محبت مون ۾ ٿي ساڪن،
محبت ڪرڻ وارا سان محبت جو ديار آهيان.

نه ڪجهه پيو قربداري ڪان سوا، چاهان ٿو مان "ساجد"،
اڃي ڪوئي ڏسي، محفل ۾ ڏاڍو قربدار آهيان.

## اسلم "آرزو"

●

سنڌڙي وارڻو پاڻ سنڀاريو،
ڇو ٿا ڏاريں جيئڻ گذاريو.

گذري گوندر منجهه حياتي، حيف! اجا خاموش گذاريو.
هاري ۽ مزدورو هائي، ڪنهن ڪانئر جو ساٿ نه ساريو.
ڪٿي ڪهاڙي، ڪوڏر ڏاتا، ڏاڍ جيهل جما ڏونگر ڏاريو.

گيتن ۾ اج سوز سمائي،     پيجل وانگر پارڻ پاريو.
جنهن جي چڻ چڻ آگ آلايي،     اهڙي ساز جي تند تنواريو.
پڙڪي جا آزادي آئي،     هر دل ۾ سا آگ اپاريو.
اج تہ ”آرزو“ سنڌڙيءَ نالي،     پريت سندو ڪو جام پياريو.

”ناشاد“

●

اي دلِ ناواقفِ انجام ڏس،
آ رڪيل دائي جي پويان دام ڏس!

هر قدم تي حسرتِ ناڪام ڏس،     دار تي پو مست جو آرام ڏس!
ها، چراغِ ميڪده پي ٿو جلي،     پر اثر جو آتشِ گلفام ڏس.
ساري دنيا ميڪشيءَ ۾ مبتلا،     رند ۽ واعظ جي هٿ ۾ جام ڏس.
تا چون عاقل، محبّت جُرم آ،     عشق وارن تي عجب الزام ڏس.
بيقراري، آه و زاري، اضطراب،     حُسن وارن کان مليل انعام ڏس.
هڪ طرف ڏس بيوفا جا واعدا،     ٻئي طرف ڏس، گردشِ ايام ڏس.
ڪجھ نہ حاصل ڪين ٿيو ”ناشاد“ کي،     ۽ اچايو ڀرھ ۾ بدنام ڏس!



# قطعا

## "زيب" عاقلي

( ١ )

اسان ڪان تيغ تي سرخي، اسان سان دار جي رونق،
اسان جي دم قدم سان عشق جي دربار جي رونق،
اسان زنجير اورانگهيا، اسان سولي تي سچ ڳايو؛
اسان جي حوصلي بخشي نئين سنسار جي رونق.

( ٢ )

وري سوليءَ ڪي سينگاريو، وري زنجير ڪڙڪايو،
وري ڏيو ڪفر جي فتويٰ، وري منصور مارايو،
وري آئيو رياڪارو! نئون الزام مستن تي؛
وري عاشق ڪُهارايو، وري آزاد پارايو.

( ٣ )

مسڪيني خيرات نه گهرندي ظالم ڪان زردارن ڪان،
هاڻي ڪوئي ڪنڌ نه ڪيندو تيشن ڪان تلوارن ڪان،
تو وٽ ڪيئي زخم زمانا، تو وٽ سئو زنجير سهي؛
عزم اسان جو اوچو زندان جي ديوارن ڪان.

( ٤ )

ڪيئي ارمان اوطاقي تيا آهن،
ڪروڙين سور ڏک ساٿي تيا آهن،
بچي گذرو غريبن جي غضب ڪان؛
انهن جا زخم اڄ ڪاتي تيا آهن.

( ٥ )

محنت جاڳي، مفلس جاڳيا، جاڳيا هيٺا هٿ ڪٽي،
ناهه مجال جو اورانگهي ڪو هاڻي تن جي پير پٽي،
عزت دولت عام ڪنداسين، ڏاڍ ڏکر جا ڏينهن ويا؛
مظلومن آهي ورق ورايو، ظالم جي اڄ باب ٻٽي.

( ٦ )

ساھ سھانا سيڪجھ سھو ظلم ھلي سئوار ھلي،
موڙڻ توڙڻ خاطر بيشڪ دولت جي جهنڪار ھلي،
ھاڻي ڏنو ٿئون حق جو ھوڪو پير نہ ھٽندا ھتنداسين؛
توڙي گهر گهر ڦاھي اڏجي گهٽيءَ گهٽيءَ تلوار ھلي.

( ٧ )

تيز طوفان سنجهان جوت جلائي آيس،
زندگي موت جي چنبن مان ڇڏائي آيس،
وقت قسمت جي ھٿن مان بہ ويو ھو نڪري؛
وقت کي "سنڌ" جو سنهن ڏيئي ورائي آيس.

( ٨ )

قدم قدم تي نئون آستان بڻائي ڏس،
جهڪي سگهون تہ زمانا پيلي جهڪائي ڏس،
ميان تون تو بہ وفائون گهٽيون ڏنيون ھونديون؛
اسان جو عشق بہ ڪڏھين تہ آزمائي ڏس.

عبدالقيوم "صائب"

( ١ )

نفرت جنھن کي اجرڪ کان،
سو ڏيھي پڪ پرڏيھي؛
انسان ڪميڻ لسئنہ آيو آ،
تنھنجي مجلس ۾ ويھي؛
اک ۾ رکيو اھڙي کي،
سيکي سمجهي تون نيھي؛
پاڻ پڙھيو ان پنھنجي کان،
جو لوڪ لڄائي ويھي.

( ٢ )

لوني اوڍي لاک رتي،
ساٿيھن کي مون رات ڏنو؛
سارن سڀ ۾ ويھندي مون،
ڏمريل ڏمريل ڪات ڏنو؛

منهن ۾ گهنڊ ۽ اک ۾ شور،
هيڏو ته مون ڪمذات ڏنو؛
نند و نيتو خون تتل،
سپ کي کندي مات ڏنو؛
جوش ۽ جذبو تن جو مون،
اپ سان کندي پات ڏنو.

( ٣ )

منهنجي نجهري جي پر ۾ وڳا چنگ ها،
سو ڪُلي اک، ڦٽي نند، اڌ رات جو؛
هي نئين دؤر جو آهه چارڻ اٿيو،
وقت بيوقت سڪ آهه جنهن جو ڦٽو؛
تند چورڻ سان جنهن تنگ توري ڇڏيا،
تنهن صدين جي ستل کي اٿاريو ته هو؛
هاڻ ڏسجي ته هيءَ جاڳ ڇا ٿي ڪري،
جڳ کي پهچي ٿو نقصان يا فائدو.

## ”نديم“ انصاري

( ١ )

دنيا ۾ گهڻيون راتيون آيون، دنيا ۾ گهڻيون راتيون ايندیون،
ڪنهن رات کي ڪهڙو رنگ مليو، ڪنهن رات جو ڪهڙو شان ٿيو؛
هڪ رات سگر اهڙي آئي، جنهن رات اڳيان ٿيو ڏينهن ڦڪو،
ان رات يتيم مڪه هو الله سندو مهمان ٿيو.

( ٢ )

دل ڇڃيو، جان ڇڃيو، روح ڇڃيو، ساهه ڇڃيو،
مون فقط توکي سڄڻ پنهنجو خدا ڪين ڇڃيو؛
مون سدا تنهنجي جفا کي به عطا سمجهيو آ،
تو ڪڏهن منهنجي وفا کي به وفا ڪين ڇڃيو!

( ٣ )

دلِ پردرد جي مرڻ کي ڏني تو،
ته مته روين سندي محفل به ڏين ها؛
صبا جي تازگي، گل جي نزاڪت،
ڏني هن کي، ته منهنجي دل به ڏين ها.

( ١٣ )

اھو جي آميريءَ غريبيءَ جو ناتو،
تہ دنيا ۾ ڏسندين، رڳو خون جھيڙا؛
نہ قائم ٿي سگھندو، ڪو امن و امان ھت،
تہ قومن جا دم دم تي ڀڏندا پيا پيڙا.

## احمد خان "آصف" مصرائي

( ١ )

نہ ڪنھن سان رک ڪڏھين ڪينو ڪدورت،
نہ ھرپٽ چو: مگر منھن تي چوڻ سِک؛
"اصولِ صلح ڪل" جي راہ سان ھل،
مخالف سان موافق ٿي ھلڻ سِک.

( ٢ )

چڱن سان ھر ھميشہ ھل چڱو ٿي،
بُرن جي پڻ نہ ڪر تون برخلافي؛
نہ اھڙي ھل روش "آصف" تون ڪڏھين،
جو ڪنھن کان توکي وٺڻي پئي معافي.



# رباعيون

## اجمل بيگ . ق . مرزا "اجمل"

( ١ )

الله جي ڪر شام و سحر حمد و ثنا،
هر روز و شب ۽ هر پهر حمد و ثنا،
هيءَ دم، جو مستعار آهي "اجمل"؛
سو چاڻ غنيمت تون ۽ ڪر حمد و ثنا.

( ٢ )

هيءُ سج، هيءُ چنڊ، هي ڪتيون، هي تارا،
هي رات، هي ڏينهن، هي اونهارا سيارا،
هي دشت و جبل، بحر نديون ۽ نارا؛
قربان وڃان توتان، اي قدرت وارا!

( ٣ )

هي شمس و قمر نجوم، هي ڏينهن، هي رات،
هي جهَڙ، هيءَ واچ، هي ڪنوڻ، هي برسات،
هي دشت، هي ڪوهه، بحر و بر ۽ باغات؛
سبحان الله! خالقِ مخلوقات!

( ٤ )

سهڻن جو ڏسي جمال، تون ياد آئين!
قدرت جو ڏسي ڪمال، تون ياد آئين!
قتالِ جهان حسِين، مدفون ڏسي؛
ياد آئين اي لايزال، تون ياد آئين!

( ٥ )

ڪعبي جو ڪير سير، تہ هٿين تون ٿي تون،
جانچي جو ڏئير دير، تہ هٿين تون ٿي تون،
ڇا هي، ڇا هو؟ ٿيا سيئي تنهنجا گهر؛
دل مان جو ڪڍيم غير، تہ هٿين تون ٿي تون.

( ٦ )

گردن تي گناهن جي پري ٿم ڀاري- توبه زاري!
محشر ڪان بہ اڳ، قبر سڄهي تي ڪاري- توبه زاري!
ڪهڙو آهه منهن ڪٿي وڃان پنهنجو سياه؟- والله بالله!
ان فڪر ۾ ويئس آهه وسائي واري- توبه زاري!

( ٧ )

محبوب خدا هاشمي مڪي مدني- الله غني!
ڪونين جي هر شئي هئي جنهن لاءِ بڻي- الله غني!
لولاڪ ڏٺي، صاحب معراج بہ آهه- سبحان الله!
اڳوائي مڃي جنهن جي، رسولن مڙني- الله غني!

( ٨ )

ڪٿ بندهء عاصي، ڪٿي شاهہ مدني؟
نسبت فلڪ ۽ خاڪ جي آ ناشدني،
پانهو آ حبيبِ ڪبريا جو "اجمل"؛
پانهي جي جسارت تہ ڏس! الله غني!

( ٩ )

"اجمل" ڪي اجل جو جڏهن اشارو پهتو،
حيران، پريشان ۽ ڏکارو پهتو،
ڇا عرض ڪريان، ڪيئن هو ويچارو پهتو؟
خواريءَ جو مٽي تي رکي ڪارو پهتو.

( ١٠ )

جئن جئن پئي وڌي ڄمار، توبه توبه!
عصيان جو وڌي پيو بار، توبه توبه!
بخشين يارب! جو مون، ڪري سؤ توبه؛
توبه پڳي بار بار، توبه توبه!

مستزاد ٦ ۽ ٧

( ١١ )

دليا ۾ وفا ڪر، نه وفا ڪي پر ڳول،
هن ڏونڊ جي ڍير ۾، نه هي گوهر ڳول،
وڏجي ويا وڻ واهه! وفاداريءَ جا؛
بيشڪ تون ڪٿي چراغ، جهنگ ۾ جهر ڳول!

( ١٢ )

هي حسن، هي ناز، هي سنڌ ۾ لُوٽ لباس،
هي هڏ ۽ هي چم ۽ هي رڳون ۽ هي ماس،
هڪ قطري غليظ تي، رکيون تنهنجو اساس؛
بشناس اياز! قدر خود را بشناس!

( ١٣ )

اڄ سنڌ ۾ اهل فن جو قحط آهي سخت،
باقي جي بچيا تن مان، ڦٽو تن جو بخت،
عاري جي ادب ڪان، سي اديبِ اعظم!
وڻ ناهي جت، اُت ڪانڊيرو به درخت!

( ١٤ )

هيرا سي ڪٿي ۽ دُرِ شهوار ڪٿي؟
هيرن کي وِنڌين جي، اهي وڻجهار ڪٿي؟
ڪانو ڪچ جو آگهيو، ڏيو هيرو لڄي؛
هيري ۽ جواهر جا خريدار ڪٿي؟

( ١٥ )

جي موت، حيات ۾ نه حائل ٿئي ها،
عالم جو انتظام، مشڪل ٿئي ها،
خودبين و خود پرست هي انسانذات؛
پنهنجي خالق جي پڻ، نه قائل ٿئي ها.

( ١٦ )

دولت جو ڪرڻ جمع مسلماني ناهه،
فرمان "قُلِ الْعَفْوُ" ڇا قرآني ناهه؟
مائين معاشري ۾، هر عيش آمير؛
حاصل غُرَبا کي ته سُکي ماني ناهه!

( ١٧ )

اڄ عـيـدالـفـطـر جـو ڏهـاڙو آهـي،
خـوشـيـن ۾ مـڳـن اوڙو پـاڙو آهـي،
آفسوس! مـعـاشـري ۾ مـسـڪـين و غـريـب؛
اڄ پـيـٽ ٻـڪـيـو، انـگ اگـهـاڙو آهـي.

( ١٨ )

هـڪ حـال تـي قـائـم نـہ زمـانـو آهـي،
هـرچـيـز، تـغـيـر جـو نـشـانـو آهـي،
دنـيـا ۾ فـقـط آهـي تـغـيـر کـي ثـبـات؛
فـطـرت جـو اصـول هـي يـگـانـو آهـي.

## ”نشتر“ ناٿنشاهي

( ١ )

توهين غمن جي نہ ڪريو اي يارو،
ڏکڙن ۾ پريشان نہ ٿيو اي يارو؛
خوشيون تہ ڇڏي سات ويون آهن، پر،
سورن ٿي نباهي آ ڇڏيو اي يارو.

( ٢ )

صحرا کي سرغزار بنايو تہ مڃان،
برپٽ کي جي گلزار بنايو تہ مڃان؛
زردار کي زردار بنايو ٿا، مگر،
نادار کي زردار بنايو تہ مڃان.

( ٣ )

مسجود حسينن کي بنائي آيس،
معمور نصيبن کي بنائي آيس؛
قسمت جي پلائي جو جوڳي اي ”نشتر“،
مان پاڪ، جبينن کي بنائي آيس.

( ٤ )

بي ذوق حياتيءَ ۾ جيئون ويا ٿا،
چڙ زهر جو آ جام پئون ويا ٿا؛
هيءَ محفلِ غم آهي، هتي اي مئي نوش،
گوڙهن جا پري جام ڏيون ويا ٿا.

( ٥ )

اکڙين جي اشارن ۾ اڙي ويناسين،
نظرن جا سدا تير سهي ويناسين،
هڪڙو بہ گُسي: ٿي نہ سگهيو اي همدم،
پيڪان حسينن جا مڇي ويناسين.

(١)

اي سنڌ! مون کي تنهنجي نظارن جو قسم،
سرسبز گلستان جي بهارن جو قسم؛
وعدو ٿو ڪيان! گرچہ خزان موٽي پئي،
گلشن جو ڏبو سات قرارن جو قسم.

(٢)

مشڪوڪ نگاهن کي رُکڻ ٿي گهرجي،
حالات کي اي يار ڏسڻ ٿي گهرجي؛
لوڏي نہ سگهيو سنڌ کي طوفان هرگز،
پنهنجن يا پراون کي مڃڻ ٿي گهرجي.

(٣)

مضبوط ارادو آ اشارن کان پُڇو،
فولاد جو آ جسم ءَ ي وارن کان پُڇو؛
ميدان ۾ ڪاهڻ تہ روايت آ سندم،
توبن کان ءِ خنجر کان ترارن کان پُڇو.

(٤)

طوفان سان نهي وياسين سهارن کي ڇنو،
منت نہ ڪبي هاٿي ڪنارن کي ڇنو؛
ڪشتي جو محافظ آ ٿيو پنهنجو عزم،
ساگر کي ڇٺو سير جي ڌارن کي ڇنو.

(٥)

تعريف منا تنهنجي ڪريون وينا ٿا،
الله مگر تو ۾ ڏسون وينا ٿا؛
ايمان بيو دل جو نظر جو آ پيو،
سيڪجهہ آ روا دل سان ڇئون وينا ٿا.



# نيون طرزون

"عاجز" اچڻ

[ هائيڪو]

( ١ )

پيجل تنهنجا ٻول،
چنگ چائي، جو چائڪ چيئين،
مي ڪيئن سمجهن رول.

( ٢ )

شاعر مصور سوچ،
پنهنجي پنهنجي پيڙ پنهي ڪي،
پنهنجي پنهنجي لوچ.

( ٣ )

رات گهٽائين گهور،
مرڪي سرمد سوريءَ چڙهندو،
ملڪ مڙئي منصور.

( ٤ )

ڪنڌ ڪرنگهو ڪاٺ،
تنهنجيءَ چَرَ ڪي ڪير ٿو جاڻي،
ماٺ، او شاعر ماٺ.

# مثنوي

حافظ "احسن" چنا

## سنڌي ٻولي

تيندي قومي ٻولي هي سنڌي زبان، انهيءَ ۾ نه آهي ذرو شڪ گمان.
هي ٻولي اسان جي سڀني کان عظيم، ۽ دنيا جي ٻولين کان آهي قديم.
مٺي مادري ٻولي ٿي دلپسند، انهيءَ جو نه مٽ ٿيندا مصري ۽ قند.
ڏني جيڪا جهوليءَ ۾ لولي اما، اها سنڌي ٻولي چوان ٻي ٻها.
وساريندو جيجل جي ٻولي نه ڪو، حفاظت ٻه ٻوليءَ جي هرڪو ڪندو.
سچي زندگيءَ ۾ ٿي ساٿي رهي، سدا پنهنجي ٻوليءَ ۾ هرڪو ٺهي.
لڳي پنهنجي ٻولي ٿي پياري گهڻي، وٺي مادري ٻولي سڀ ڪي وٺي.
ڪپي پنهنجي ٻوليءَ کي قائم رکڻ، انهيءَ جي ترقيءَ جي ڪوشش ڪرڻ.
پيون ٻوليون پنهنجيءَ تان گهوري ڇڏيون، نه ڌاريءَ کي پنهنجي سان هرگز گڏيون.
نه مٽ پنهنجي ٻوليءَ سان ٻي ڪا ٿئي، مزو ڌاري ٻولي نه دل کي ڏئي.
جڏهن ٻار ٻاتي ٿو ٻولي ڪري، ٻُڌي ماءُ جيجل جو منڙو ٺري.
زندگيءَ ۾ جيڪا ٿا ٻولي سکون، انهيءَ کي مرڻ تائين قائم رکون.
نه ڪنهن کي ٻه طاقت جو ٻولي ڪسي، ٻيلي ڪيترا ڪو ٻه حيلا ڪري.
رهي سنڌ ۾ سنڌي زبان برقرار، نه ايندي خزان پر سدائين بهار.
ڪجن پنهنجي ٻوليءَ ۾ ظاهر ٿا راز، پرائيءَ ۽ پنهنجيءَ ۾ هي امتياز.
وطن تان ۽ ٻوليءَ تان صدقي ٿيون، نه هرگز ڇڏينداسون جيسين جيون.
سٺي آهه ٻولي اسڙ کان ملي، انهيءَ سان رکون ٿا محبت دلي.
اسان تي اهو آهه لازم ٿيو، ته سنڌي سوا ٻيو نه ڳالهائبو.
صدين کان رهي سنڌ ۾ سرفراز، رهيو سنڌ وارن کي سنڌيءَ تي ناز.
زبان سان رکڻ عشق "احسن" عمل، نه اهڙو ٻيو ٿيندو نعم البدل.

# سارنگ

تاڙي ڪِئي تَوارَ، ٻَٻِيهل ٻَتيو ٻيُون،
هارين هر سنڀاليا، سَرها ٿيا سنگهار،
لاهيِين ڏک ڏاتار! الاهي عِناتُ ڇئي.

بادل! وسئو وَسُّ، ڪر ڀيرو آن ڀُون،
ڏَڻ ڇَڻ مِرن مارهئين، آج لاهيندڙ تون،
واحد ڪر وَسُون، ته آهُڪي لَهي عِناتُ ڇئي.

آئو ڏِتُ ٻَتُ پارڪر، آئو سارو سَوارو،
مينهَن مُور نه مَٽيو، ’وَنڪو‘ ويچارو،
آئا ٻتَ ’ٻرانڻ‘ جا، ’لَڪڙي‘ ’ساماروُ‘،
وڏي ڪاهُ وڏو ٿئو، تنهن مُوهَ ۾ سوچارو،
وِچڙين وَري ڪيئو، ’ڏلهي‘ تسي ڏارو،
’ترائي‘ تارِ ڪنائين، ’وَهيري‘ وارو،
آئا ونڻ ’وَلهارَ‘ جا، جِت صَدر سونهارو،
اڪڙهن آرو، اوڏاهين عِناتُ ڇئي.

بادَل! وَسيئو وَسُّ، تنو وُٺي وَسَ ٿئي،
آڇا جهڙي، عِناتُ ڇئي، رات تني ڪي رَسُّ،
وَڄ نه سِڪي گاهه ڪي، رَڄَ نه لڳي ڪَسُّ،
نيئن نمندا پَسُّ، وَسُ ته وَرن سپرين.

— ميون شاه عنات نصرپوري

# احساس

## افسانا

۱. ڏاڙيل جانو جمعدار — محمد عثمان ’ناطق‘

۲. سک ۽ سياست — ڪارتا ا. چ. ت
مترجم: نجم عباسي

۳. نوڙيءَ جو ٽڪر — موپاسان

## ادب لطيف

۱. واري ۽ لهرون — خليل جبران
مترجم: م. ع. ’ناطق‘

## ڊرامو

۱. اونده ۽ روشني — امر جليل
(ٽيليويزن ڊرامو)

”انسان، هن زمين تي بلڪ ساري ڪائنات ۾ جوابدار ۽ باشعور هستي آهي. اهوئي هن ڪائنات جي تخليق ۽ رنگ رونق کي سمجهي سگهي ٿو. اهوئي سمجهي ٿو ته ڪائنات جو رخ هينئر ڪاڏي آهي ۽ ڪاڏي وڃي رهي آهي ۽ انسان کي ڪهڙي اوڙاهه ۾ اڇلائڻ گهري ٿي. هيءَ ڪنهن به مخلوق کان ان قسم جي اميد رکي نه ٿي سگهجي. هڪ طرف انسان جي اها نمايان حيثيت آهي ۽ ٻئي طرف هو نهايت ذليل ۽ پست خيالن ۾ مبتلا آهي، جتان سندس نڪرڻ جي لاءِ اڃا ته ڪا ظاهري اميد نظر نه ٿي اچي—!

ڪاڏو ۽ آزاديءَ جي لهر آئي. ۽ پاڪستان ٿيو ۽ پير پاڳاري جي گادي بحال ٿي. ۽ پاڻ حُرن کي پيش پوڻ لاءِ حڪم ڏنائون ته هاڻ حڪومت پنهنجي آهي نه انگريزن جي. اُنهيءَ ڪري ٻه ساٿين سميت پيش پيس ۽ معافي مليم.

ليڪن! اها ڪامل ڪاٺي جنهن لاءِ هيڏا سور پتيم ۽ ڪشٽ سٺم، سا خدا کي پياري ٿي ويئي، ان مان اولاد به اٿم. پر هاڻي انهيءَ پيٽئين اصل سُک نٿو اچيم، ائين چئي چاچو جانو چُپ ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پتو پيو ته جانو جمعدار اسان جي ڳوٺ مان هليو ويو. جڏهين به چاچي جانوءَ جي ڳالهه ياد پوندي آهي، ته سوچيندو آهيان، ته ڇا واقعي جانو جمعدار رهزن هو؟ يا ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي؟



- حق ۾ شخص جو محتاج آهي. هڪ اهو، جو حق جو اظهار ڪري ۽ ٻيو اهو جو حق کي سمجهي سگهي. حق جي ٻڌڻ وارو، حق جي اظهار ڪرڻ واري کان ذرو به گهٽ نه آهي.

- دشمن سان تنهنجو مڪمل اتحاد ٿي ويندو؛ ليڪن اوهان جي يعني ٻنهي جي مرڻ کان پوء.

- شهرت فضا جي هڪ شڪل آهي، جا، تُور ۾ قائم هجي.

- حقيقت هڪ گُل آهي، جنهن جي اڳيان شهرت هيچ آهي.

- عورت پنهنجي چهري کي تبسم جي نقاب ۾ لڪائي سگهي ٿي.

- جو مرد، عورت جي ادنيٰ ڪمزورين کي معاف نٿو ڪري، اهو ڪڏهين به ان جي اعليٰ خوبين مان مستفيد ٿي نٿو سگهي!

- تمام گهٽيون آهن آهي عورتون، جي مرد جي دل خوش رکي سگهن ٿيون. ۽ تمام ٿوريون آهن آهي عورتون، جي مرد جي حفاظت ڪري سگهن ٿيون.

- جڏهين ٻه زالون پاڻ ۾ گفتگو ڪنديون آهن، تڏهن سمجهو ته ڪجهه به ظاهر نٿيون ڪن، پر جڏهين هڪ زال ڳالهائي ٿي، تڏهن هوءَ پوري زندگيءَ جو اظهار ڪري ٿي.



امر جليل

[ٽيليويزن ڊرامو]

# اونده ۽ روشني

[سنڌ جي افسانوي ادب ۾، جناب امر جليل، صاحبِ فن جي حيثيت سان وڏو مقام حاصل ڪيو آهي. سندس فن پختگيءَ جي جنهن منزل تي پهتو آهي، اهو رشڪ جي قابل به آهي ۽ فخر جي قابل به.

”اونده ۽ روشني“ سندس هڪ ٽيليويزن ڊرامو آهي، جو ”مهراڻ“ رسالي ۾ شايع ٿي رهيو آهي. هن کان اڳ ڪٿي به هن قسم جو ڊرامو شايع نه ڪيو ويو آهي.

ٽيليويزن ڊرامي جو گهڻو ٺڪو دارومدار ”ڏسڻ ۽ ٻڌڻ“ تي آهي. مختلف ڪردارن جي معنيٰ خيز نقل و حرڪت ۽ ڪنهن مقصد سان وابسته ادائگي ۽ اداڪاري، ذهن ۽ دل جي جذبات ۽ تاثرات جو اظهار، غم جي شدت ۽ مسرت جون نفسياتي ڪيفيتون، ڳالهه-ٻولهه ڪندي لفظن جي نرمي ۽ شوخي، چهري جي خط ۽ خال جو تغير ۽ تبدل، هٿن جي زبان سان جذبات ۽ حالات جي ترجماني، ڪن وقتن تي معنيٰ خيز خاموشي ۽ ڪن وقتن تي خاموشيءَ ۾ معنيٰ خيز گفتگو، حيرت ۽ ندامت، استعجاب ۽ تجاهل، ترديد ۽ ترجيح جا اشاراتي انداز، غصي ۽ سنجيدگيءَ جا آثار، اقرار ۽ انڪار جا خاموش قرينا، اهي سڀ ”ڏسڻ ۽ ٻڌڻ“ سان واسطو رکن ٿا. ظاهر آهي ته ان قسم جي فني لوازمات کي تحرير جي دائري اندر آڻي نٿو سگهجي. اسان باوجود ان جي، ٽيليويزن ڊرامي کي شايع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

پڙهندڙن کي هن ڊرامي جي پڙهڻ وقت، عالمِ خيال ۾ ٽيليويزن سيٽ کي اکين اڳيان متصور ڪرڻ گهرجي. ڪردارن جي مڪالمن کي خيال ۾ رکي، سندن نقل ۽ حرڪت، جذبات ۽ تاثرات کي ”ڏسڻ ۽ ٻڌڻ“ جي سلسلي سان وابسته ڪري، ”محسوسات“ جي عالم ۾، اداڪاريءَ کي ”ڏسڻ“ ۽ آواز کي ”ٻڌڻ“ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اميد ته هن قسم جا معياري ٽيليويزن ڊراما ”مهراڻ“ رسالي ۾ شايع ٿيندا رهندا. —غ. م. گ.]

### ڪردار

بوسف ـ زرينہ ـ قاسم ـ جبار ـ سڪينه

## مکيہ ڪردارن جو نفسياتي جائزو

**يوسف:** يوسف بردبار ۽ محنت ڪش انسان آهي. هن دنيا جو هر غم صبر سان برداشت ڪرڻ سکيو آهي. هن کي زرينہ سان بيپناهہ محبت هئي ۽ محبت ۾ کيس ناڪامي ملي آهي. ٻارهن سالن کان پوءِ جڏهن هو وطن وريو آهي، تڏهن زرينہ کي پنهنجي ڀقات قاسم جي گهر ۾ ڏسي يوسف جي اندر ۾ وقتي طور تي انتقام جي باهہ ڀڙڪي اٿي آهي. هو گهڙيءَ ڪن لاءِ وحشي ٿي پوي ٿو ۽ زرينہ کي خون ڪري پنهنجي ناڪام محبت جي چرَ کي رت جو چنڊو هڻڻ چاهي ٿو.

**زرينہ:** زرينہ هڪ عام رواجي سنڌي عورت آهي. هن پنهنجي محبت جي ناڪاميءَ تي واءُ ويلا نہ ڪئي آهي، جيتوڻيڪ هوءَ يوسف کي دل سان چاهي وڃائي ويني آهي. اهو غم برداشت ڪري، هن پنهنجي زندگي پنهنجن ٻارن جي پرورش ۽ مڙس قاسم جي خدمت لاءِ وقف ڪئي آهي. هوءَ ماضيءَ جي قبرستان مان محبت جو لاش ڪڍي روئڻ پٽڻ لاءِ تيار نہ آهي.

**قاسم:** قاسم محنتي انسان آهي. هو هڪ ڪارخاني ۾ مستري آهي. ڪَل پُرزن وانگر سخت آهي. هن زندگيءَ جي سختين ۽ مصيبتن تي مُرڪڻ سکيو آهي. هو زرينہ ۽ يوسف جي محبت کان بيخبر آهي.

# مقالا


١. ڏهين صديءَ هجريءَ جي سنڌ — سيد حسام الدين راشدي

٢. سنڌ ۽ مهدوي تحريڪ — قريشي حامد علي خانائي

٣. رباعيءَ جي فني حيثيت — ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل"

٤. حضرت ابو سعيد ابوالخير — حبيب الله مولابخش ڀٽو

— ادبي خبرنامو — ادارو

ڪاوڙ ۽ گالهايل هڪ لفظ، سڀ کان تکي ترار آهي؛ لالچ سڀ کان خوفناڪ زهر آهي، حرص ۽ هوس سڀ کان تيز باه، آهي، جهالت سڀ کان وڏيڪ اونده آهي، سڀ کان خوفناڪ چور آهن خراب خيال، سڀ کان دردناڪ بيماري آهي دل جي پليتي، سڀ کان تيز بخار آهي نفرت ۽ حقارت، سڀ کان نقصان وارو آهي اهو ماڻهو، جو فقط پاڻ کي فائدو رسائي، سڀ کان سٺو حڪيم آهي پروڙ ۽ ڄاڻ سڃاڻ، سڀ کان وڏيڪ فائدي ۾ اهو آهي جو ٻين کي ڏئي ٿو، سڀ کان قيمتي خزانو آهي نيڪي. —حضرت علي

٦-ربيع‌الاول ٩٦٢ھ شيخ عبدالوهاب پورانيءَ ميرزا جي طبيعت دگرگون ڏٺي ۽ منزل ڪٽي
سيوهڻ ڏانهن روانا ٿيا. (معصومي ١٩١)
١١-ربيع‌الاول ٩٦٢ھ صبح جو علي پوتره ڳوٺ (علي پوترو ۽ شاهه ويس پيئي لڳا آهن.
طاهري ٨٩) ۾ پهتا، ۽ اتي منزل ڪيائون. (معصومي ١٩٢)
١٢-ربيع‌الاول ٩٦٢ھ دوشنبه (٤-فيبروري ١٥٥٥ع) بوقت عصر ميرزا شاهه حسن وفات ڪئي.
شيخ عبدالوهاب پوراني ۽ ميرزا قاسم سندس پاسي ۾ موجود هئا. سومهاڻي
تائين غسل ڏئي نماز پڙهي وئي. (معصومي ١٩٢)
١٣-ربيع‌الاول ٩٦٢ھ سلطان محمود ڪوشش ڪئي ته لاش بکر هلي ليڪن ماه بيگم ٿتي ڪنيون
هلي وئي. سلطان محمود ساڳئي ڏينهن بکر روانو ٿيو. (معصومي ١٩٢-١٩٣)

مٿين مذڪور مطابق شاهه حسن سومر ڏينهن ١٢-تاريخ ربيع‌الاول ٩٦٢ھ (٤-فيبروري ١٥٥٥ع) جو فوت ٿيو. درحقيقت مير معصومي تاريخن ۽ مهينن ۾ گهڻو ڪري احتياط کان ڪم ڪونه ورتو آهي، جنهنڪري اکيون بند ڪري تاريخ قبولڻ ۾ پاڻ کي احتياط ڪرڻ گهرجي. پٽي هند ميرزا عيسيٰ جي تخت نشينيءَ جي مهيني ڏيندي پنهنجي پهرين لکئي کي پاڻ مشڪوڪ بڻائي ڇڏيو اٿائين — لکي ٿو ته شاهه حسن جي فوت ٿيڻ کان پوءِ اوائل جمادي‌الاول (٩٦٢ھ) جو ميرزا عيسيٰ تخت تي ويٺو. (٣٠٧) جيڪڏهن ميرزا جي وفات جو مهينو ربيع‌الاول قبول ڪجي ته انهيءَ حساب سان ميرزا عيسيٰ ڪم و بيش پوڻا ٻه مهينا ڪن پوءِ تخت نشين ٿيو. جيڪا ڳالهه ڪهڙيءَ ريت قرين قياس ٿي سگهي ٿي. ڪو به سبب نه هو ته اهڙي انتشار جي حالتن هيٺ پنهنجي حصي ۾ آيل ملڪ کي ميرزا عيسيٰ تخت نشينيءَ کان خالي ڇڏي.

انهيءَ جي مقابلي ۾ سيدي علي رئيس- جو واقعي جو اکين ڏٺو شاهد آهي- لکي ٿو ته ميرزا شاهه حسن ١-جمادي‌الاول (٩٦٢ھ) جو بکر طرف واپس ٿيو، ۽ ماه بيگم جي واپس ٿيڻ کان ڏهين ڏينهن تي ميرزا انتقال ڪيو. مير معصوم ماه بيگم جي واپس ٿيڻ جي آخر ماه صفر (٢٩) تاريخ لکي آهي. ليڪن سيدي علي رئيس جي حساب سان اها تاريخ ٢٩-ربيع‌الثاني ٿيڻ گهرجي، ۽ ميرزا شاهه حسن جي وفات جي تاريخ ٩-جمادي‌الاول ٩٦٢ھ (١-اپريل ١٥٥٥ع) بيهندي. مير معصوم جو ڄاڻايل مهينو صفر به غلط آهي.

مير معصوم وفات جو ڏينهن سومر لکيو آهي. ١٢-ربيع‌الاول تي به سومر هو ۽ ٩-جمادي‌الاول جو ڏينهن به سومر جو هو. تنهنڪري مير معصوم جي مقابلي ۾ سيدي علي رئيس جي ڄاڻايل تاريخ ٩-جمادي‌الاول ٩٦٢ھ (١-اپريل ١٥٥٥ع) زياده درست ۽ قرين قياس سمجهڻ گهرجي (هن تي ڏسو ڊاڪٽر محمودالحسن صديقيءَ جو انگريزي ترجمو تاريخ معصوميءَ جو (Appendix J) مطبوع انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالوجي حيدرآباد.)

کتابخانهٔ اقدام

عدد ۳

آثار اسلافدن

# مرآت الممالك

مؤلفی

سیدی رئیس

طابع وناشری

اقدام غزته‌سی صاحب امتیاز وباش محرری

احمد جودت

معارف نظارت جلیله‌سنك رخصتیله طبع اولنمشدر

درسعادت — اقدام مطبعه‌سی

۱۳۱۳

۱-۱۹۷۱ع

( ۱۵۰ )

مهران

## ولایت‌سندده واقع اولان سرکذشتی بیان ایدر

مبارك ربیع‌الاولك اولنده چیقیلوب اونجی کونی راشپوت شهرلرندن پارکر نام شهره واریلوب کافر اوزرمزه هجوم ایتدکده بکلرینك مکتوبن وروب وبرمقدار هدایا وریلوب‌یول ویردیلر؛ اما یولده بیك‌مقداری راشپوت کافری‌واردر غافل اولمك؛ دیو تنبیه ایلیوب چون ارتسی علی‌السحر روانه اولوب برکون صباح زماننده ناکاه قرشودن راشپوت کلدی دیو غوغا اولوب :

( لمؤلفه )

کورندوکی کبی‌راشپوت الایی دوه‌جیلر کوتوردی اردلایی

همان دم دوه‌لری چوکروب حولی ایلیوب هرطرفدن توفنك سرپوب کافر توفنك کوریجك آدم کوندروب ؛ بیز جنك ایچون کلمدك باج استروز! دیوجك: بیزسودا کر دکلیز ، بیزم‌یوکیمز دارو ومهره‌در آنك باجن کوندردك ، اکردخی‌مقصوداولورسه ینه ارسال‌اولنسون؛ دیدکده جوابلری دکوب برطرفه چکیلوب بیزدخی ینه یولمزه روانه اولوب اون‌بش کون مقداری ریکستان‌ده وبیابانده کیتدك برکون سرحدسندده (وانکه) نام شهره یتدوك. آنده تکرار دوه‌لر دوتیلوب بش کونده شهر جونه وشهر باغ‌فتحه واریلوب، مکر سند پادشاهی شاه حسن میرزا قرق ییل مقداری ولایت سندده پادشاهلق ایدوب بش‌ییلدن زیاده ایش‌که

ذکر اولنان غزللری سلطانه ایلتوب رخصت طلب اتدکده سلطان قبول قیلوب سعادتلو پادشاه حضرتلرینه عرضه داشت یازوب ؛ اما قندهار یولنده اوزبیك سلطانلرندن حیدر سلطان اوغلی بهادر سلطان نیچه‌بیك آدم‌ایله قزاق اولوب برکس‌گچورمز وباد سموم زمانیدر شمدیکی محلده اول‌جانبه کیدلمز برقاچ‌کون توقف ایدوك سیزه برمقدار آدم قوشوب لاهور یولنه کوندرهلم اما آنده دخی‌طایفهٔ جدواردر غافل اولمك ؛ دیوب آنده‌دخی برآیدن زیاده توقف اولنوب اتفاق برکیجه والدهٔ‌حقیرهٔ واقعه‌ده کوروب:«حضرت فاطمهٔ رضی‌الله عنهایی دوشمده کوردم . سنك صحت‌له کلمکی یکا مژده قیلدی.» دیوب ارتسی یولداشلره بشارت خبرن ویروب وسلطان محموده واروب واقعهٔ تقریر ایدوب البته کیدروز دیوجك رخصت ویروب وبر بخشی آت وبر قطار دوه وبرخیمه وبر شامیانه یعنی سایبان ویروب ویول خرجلغی احسان ایلیوب وایکی‌یوزاللی‌نفر جازه سوارسندی قوشوب وهمایون پادشاهه اطاعت ایچون عرضه داشت یازوب مبارك شعبانك اواسطنده روانه اولوب (سلطان‌پور)یولی ایله‌بش‌کونده ماو قلعه‌سنه‌واریلوب جنکلستان یولنده جد طایفه‌سی واردر دیوچول یولی اختیار اولنوب ارتسی‌چاهلره واریلوب صو بولنیوب بعضی‌آدملر باد سامدن وصوسزلقدن اولوم حالتده واروب هربرینه تریاق فاروق ویریلوب ارتسی بیك بلاایله افاقت بولوب بوحالی کوریجك چول یولندن فراغت اولنوب الغریب کالاعمی مقتضاسنجه دونلوب ینه ماو قلعه‌سنه کلنوب ذکر اولنان چولده سرچه مقداری قارنجه‌لر سیر اولنوب وهمراه اولان‌سندیلر جنکلستان یولندن کیتمکه خوف ایدوب آخر یولداشلره استمالت‌ویروب ونصیحت قیلوب:


١-١٩٧١ع
مهران

( يتيم )

قادر اولان نيجه شير افكنه　　صونسه تداركله صونر دشمنه
رأى قوى واحد والف اولسه‌ار　　رأى قوى سنى دراهل ظفر
يز اولاوزواحد ودشمن مايه　　بزه يتر آيت : «كم من فايه»

ديوب اون توفنك ايلروده واون توفنك كيروده وساير اورته‌ده قونلوب حق تعالى حضرتينك عنايت بى‌نهايتنه توكل اولنوب روانه اوليجق سنديلر دخى بووضعى كوروب يته همراه ذكر اولان جنكلستان جانستانه اوغرايوب هزار محنت وبلا ايله اون كونده اوچيه ايرشوب شيخ ابراهيم ايله ملاقات ايدوب دعاسى آلنوب وشيخ جمالى وشيخ جلالى حضرتلرى قدس الله سرهما العزيز زيارت اولنوب مبارك شهر رمضانك اولنده روانه اولوب آب كاره‌يه واريلوب كلك باغليوب اول معبردن عبور اولدقده سنديلره رخصت ويريلوب آندن آب ماچواره‌يه كلنوب اول دخى كشتيلر ايله كچلوب آنده بش يوز مقدارى جد اولوب اما توفنكدن خوف ايدوب نسنه‌يه قادر اولميوب آندن دخى روانه اولوب اون بشنجى كون اواسط رمضانده شهر ملتانه [*] كلندى .

## ديار هندوستانده واقع اولان سركذشتى بيان ايدر

اولا شهر ملتانده حضرت شيخ بهاءالدين زكريا و شيخ ركن الدين وشيخ صدرالدين رحمهم الله زيارت اولنوب وشيخ محمدراجو ايله ملاقات ايدوب دعاسى آلنوب ومير ميران و ميرزا حسن سلطان ايله ملاقات ايدوب اجازت آلنوب لاهوره عزم اولنوب سدكره‌يه واريلوب آنده

[*] ( ملتان ) مولطان كبى اوقونور. سندك پاى تختى در ملتان دارالامان ديرلر .

دخی شیخ حامد ایله ملاقات ایدوب دعاسی آلنوب آندن اوائل شوالده
لاهوره واریلوب ؛ مکر مقدما هندوستان پادشاهی اولان شیر خانك
اوغلی سلیم شاه فوت اولوب اسکندر خان پادشاه اولدقده همایون پادشاه
بونی ایشیدوب کابلدن هنده عزم ایدوب اولا لاهوری آلوب ضبط
ایدوب آدم قویوب کندوسی شهر سحرند اوکنده اسکندر خان ایله
بولشوب اسکندر خانی باصوب دورت یوز فیل وضرب زنلری ایله دورت
یوز عربه سین آلوب اسکندر خان قاچوب مانکوت نام قلعه یه کیروب
بر مقدار آدم ایله کشمیر میرزالرندن شاه ابوالمعالی یی سردار ایدوب
آردنجه ارسال ایدوب کندوسی تخت دهلی یه واروب و خانلرندن
اسکندر خان اوزبیکی اکره یه ارسال ایدوب ونیجه خانلری وسلطانلری
کیمی حصار فیروز شاهه وکیمی سنبله و بیانه یه وکنویجه کوندروب هر
جانبده بکلر ولشکر جلك اوزره ایکن بزدخی لاهوره وارمش بولنوب
حاکم اولان میرزا شاه یول ویرمیوب ؛ البته پادشاهه وارمینجه رخصت
یوقدر ؛ دیوب آخر پادشاهه احوالمز عرض ایدوب ؛ اوردوی همایونه
ارسال ایدوك ؛ دیو فرمان کلوب ذکر اولان مابینده بر آی مقداری زمان
کچوب آخر الامر جمله مزی پادشاهه ارسال ایدوب و یانمزجه آدم
قوشوب بالضروری روانه اولوب دریای سلطان پورکشتی لر ایله عبور
اولنوب حصار فیروزشاه یولی ایله یکرمی کون مقداری یوریوب غایت
ذی القعده ده پای تخت هنده یعنی شهر دهلی یه وارلدقده همایون پادشاه
خبردار اولوب خان خانانی وسایر خانلرین وسلطانلرین دورت یوز فیل
ونیجه بیك آدم ایله سعادتلو پادشاه حضرتلرینك عزت وحرمته استقبال
ایچون ارسال ایدوب و بوبنده یه برات وایکی خلعت وخرجلق کوندروب
اول کون آنده خان خانان عالی ضیافت ایدوب ودیار هندده دیوان اکثر

کیجه‌ایله‌اولمغین‌اختشام زمانده تعظیم‌وتکریم ایله پادشاهك دیوان همایونه ایلتوب (الهدایاقدرمن‌یهدی) لخواسنجه حقیرانه برمقدار تحف‌عرض اولندی . پادشاه ایله ملاقات اتدکده هندوستان فتحنه :

( لمؤلفه )

| | |
|---|---|
| شاه جم رتبت همایون بخت | یعنی اقلیم هندکه چون آتش |
| قیردی افغانی دهلی‌نی آلدی | بولدی‌فرمان‌بری‌باری‌سرکش |
| اول فتحنه ایشدیلر تاریخ | طالع دولت همایونش |

دیو تاریخ دیئوب وایکی غزل عرض اولنوب اولی :

( لمؤلفه )

اکرکه حالیمه رحم ایتمکای حبیب مینینك
علاجی قایدا تاپار دردیمه طبیب مینینك
وصال یاری منکا قیلماس ایردی‌حق روزی
ازلدین ای دل اکر بولماسه نصیب مینینك
شراب لعلینك ایچوب مست اولندی ای ساقی
مکرکه کیرمکای ایلکیمکا هیچ رقیب مینینك
روای‌دور دیمکای سین مینك اوچون هرکز
نیچوکدورورغم هجریمدین‌اول‌غریب‌مینینك
یوزینی(کاتبی)کورکاچ هزار عشوه بیلان
قول‌ایتدی‌کونکلومی اول‌شوخ دلفریب‌مینینك

وایکنجی غزل بو ایدی‌کیم :

( لمؤلفه )

وصل امیدم یوق مینك مشتاق روی یارمین
آرزو قیلمام بهشتی عاشق دیدارمین
ای طبیبم ایشیکینك دار الشفاسیدین منکا
شربت لعلینکنی بیردر دینك بیلان بیمارمین

اول ای حجاب ایتر یوزیکه زلفین ایدوش
کیل ای صبا بیتش آرادین قیل حجابی رفع
کوردوکجه قامتینکی سجود ایتیکیم یوکیم
دیرلار نماز جایز ایماس بولمایجه شفع
یاتیب یاقیلسه دل نولا در دمنی (کاتی)
نار فراق بارجه وجود منی قیلدی سفع

والحاصل آنلرایله روزشب برآن مباحثه‌دن خالی اولمیوب وهرکز پادشاهدن بردم آیرو اولمازدی. برکون پادشاه بوحقیره: «ولایت رومی کوبدور یوقسه هندوستانمی کوبدور؟» دیو سؤال ایدوب: «پادشاهم رومدن مقصد، نفس روم ایسه اول ولایت سیواس‌در، هندوستان چوقدر اما پادشاه رومه تابع اولان ممالك ایسه هند آنوك عشر عاشرنجه یوقدر.» دیو جواب ویروب، پادشاه‌دخی: «مقصد جمله‌سیدر.» دیوجك: «پادشاهم بوحقیره لایح اولان اولدرکه اسکندر دنیایه حکم ایدوب یدی اقلیمه مالك اولمسی غالبا پادشاه روم اولدوغی کبی‌در؛ زیرا تواریخده اسکندرك عمری ومدت سلطنتی معلومدر اول تقدیرجه اسکندر کلیا اقالیم سبعه‌یی سیر ایدوب حکم ایتمك عقلا محالدر. زیرا ربع مسکونك طولی یوز سکسان درجه وخط استوادن عرضی التمش التی درجه‌در، اونك مساحتی کتب هیئاتده دورت بیك کره بیك والتی یوزالتمش سکزبیك التی یوز یتمش فرسخدر. ایله اولسه آنوك جمله‌سن سیر ایدوب حکم ایتمك میسر دکلدر. غالبا هراقلیمدن پادشاه روم کبی حصه‌دار اولوب، انوك ایچون یدی اقلیمه حکم اتدی دینور.» دیوجك: «پادشاه رومك یدی اقلیمده حصه‌سی وارمیدر؟» دیو سؤال ایدوب جوابنده: «اولا یمن اقلیم اولدن، ومکهٔ شریفه اقلیم ثانیدن، ومصر اقلیم ثالثدن، وحلب اقلیم رابعدن،

ودارالسلطنهٔ محروسهٔ قسطنطنیه اقلیم خامسدن، وکفه‌اقلیم سادسدن، وبدون و یچ اقلیم سابعدن‌در. بونلرك هر برنده پادشاه رومك بکلر بکیلری وقاضی‌لری اولوب حکم وحکومت ایدرلره وبوندن غیری حق علیم درکه ولایت کجراتده سرت نام بندرده خواجه بخشی وقره حسن نام سوداکرلردن مسموعدرکه ولایت چینده بیرام اولوب سوداکرلر بیرام نمازین قیلمق مقصودایدینوب هر طایفه کندو پادشاهلری آدینه خطبه اوقتمق مقصود ایدینوب روم سوداکرلری: خاقان‌چینه واروب بیزم پادشاهمز مکه ومدینه و قبله پادشاهیدر.» دیو عرض ایلدکده کافر ایکن انصاف‌ایدوب: «مکه‌ومدینه پادشاهی آدینه‌خطبه اوقوك.» دیوحکم‌ایدوب رومی سوداکرلر خطیبه خلعت کیدوروب وفیله بندروب شهری کزدروب بعده بیرام نمازین قیلوب ولایت چینده پادشاه روم آدینه‌خطبه اوقنوب بومقوله احوال کیمك حقنده اولمشدر؟»دیوجك انصاف‌ایدوب خانلرینه‌وسلطانلرینه‌خطاب ایدوب: «حق‌بودرکه روی زمینده‌پادشاهلق نامی‌دولتلوخداندکارك حق‌در اوزکانینك دکلدور.» دیو اعتراف‌ایلدی. وینه برکون‌دخی قرم خانندن‌سؤال ایدوب: «اکا دخی سلطنی‌سعادتلو پادشاه و یرور.» دیو جواب و یردکده: «اول صاحب‌خطبه‌در دیو استماع اولنور» دیوجك: «پادشاهم سایر پادشاهلردن پادشاهمزك کلی امتیازی اولدرکه صاحب‌خطبه وصاحب سکه پادشاهلق عنایت ایدر.» دیوجك تسلیم ایدوب پادشاه حضرتلرینه دعالر ایلدیلر. برکون پادشاه‌ایله مشایخ دهلی زیارت اولنمق ایچون سوار اولوب شیخ قطب الدین پیر دهلی وشیخ نظام ولی وشیخ فرید شکر کنج ومیر خسرو دهلوی ومیر حسین دهلوی زیارت اولنوب اتفاق میر خسروك اوزرنده مرحومك اشعارندن کفت وکو اولنوب دریای ابرارك مطلعی واکا نظیره اولان

( لمؤلفه )

عاقل اوله دوشدوكك بر ملك هندوستاندر
میل ایدوب آنده قلانلر جمله سرگرداندر
عالی گشت ایلینلر دیدیلر بالاتفاق
حق بودر دنیاده جنت ملكت عثماندر
واروب آنده برنظر كورمك احبانك یورین
بلمش اول ای خسته دل هردردكه درماندر
دوش اياغينه همايون پادشاهك رخصت آل
دائما دوشمنلره آنوك ایشی احساندر
میل ایدرسه قالمه دل طمای هندوستانده
(كاتبی) اوبمەسن آگا اولدخی اوغلاندر

ذكر اولنان عرضه داشتی وغزللری پادشاه كوروب مرحمت وشفقت ایدوب رخصت عنایت ایلیوب وبوبنده یه تكرار آت وسروپا یعنی خلعت ویول فرمانی ویروب كتمك اوزره ایكن ، حكمت اللهك جمعه كون اخشام نمازی وقتده پادشاه خانقه كورنش ایدوب قصردن اینركن اذان اوقنوب دائما عادت شریفه‌لری اذان اوقندقده دیزچوكوب تعظيماً اوتورررلردی . اتفاق ینه اویله ایدوب اول محلده «الحذر لایغنی عن القدر» مفهومنجه نردباندن دوشوب مبارك باشلری مجروح وقوللری شكست اولوب عالم بری برینه كیردی . بر ایكی كون توقف اولنوب اطرافه نامه‌لر پراكنده اولوب: «پادشاه الحمدلله خوش حالدر» دینلوب وفقرایه تصدقلر ولشكره انعام واحسانلر ویرلوب اوچنجی كون دوشنبه كون دار زحمتدن جوار رحمته انتقال ایتدیلر: انا لله وانا اليه راجعون. اوغلی جلال الدین اكبر میرزا ٨ خان خانان ایله شاه ابوالمعالی‌یی كورمك ایچون مقدما كتمشلر ایدی . همان دم ایشیك اغاسینی آنلره ارسال

يوللرده خوف وخطن واردر دبوجك يولداشلر ايله دخى مشورت اولنوب من قنع شبع ومن طمع ذل مفهومى ايله عامل اولوب خرجلقدن فراغت ايدهلم همراهلردن آيرلمق مناسب دكلدر ديدكده جملهسى راضى اولوب معاً روانه اولندى . ودرياى خوشاب دخى كشتيلر ايله عبور اولنوب بعده نيلابه واريلوب اول دخى كذلك كشتيلر ايله عبور اولنوب باختر زمينه قدم بصلدى .

قريشي حامد علي "خالائي" ايم. اي

# سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ

هن برصغير هند و پاڪ ۾ نائين صدي هجريءَ جو زمانو، جيڪو اڪبر اعظم کان اڳ جو هو، سخت بدامنيءَ ۽ طوائف الملوڪيءَ جو دؤر هو. باهمي خانه جنگين ۽ سازشين جي ڪري روز روز نيون بادشاهتون ٺهنديون ۽ ڊهنديون هيون ۽ ڪابه مضبوط ۽ مستحڪم مرڪزي حڪومت قائم نه هئي، جا اسلامي شريعت مطابق حڪومت جو نظام قائم رکي سگهي. حق پرست ۽ خداشناس بزرگ ۽ عالم تمام ڪي ٿورا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا وڃي بچيا هئا، منجهن دنيا طلبي، ظاهري جاهه ۽ جلال، ۽ شان شوڪت جو مادو ڪافي گهٽو سمائجي چڪو هو. ازان سواءِ گهڻا علم وارا جاهل صوفي پنهنجون منگهڙت روايتون گهڙي شرع محمديءَ جي خلاف کليو کلايو پرچار ڪندا وتندا هئا. مطلب ته هر طرف کان بيچينيءَ ۽ بيعلميءَ جي سياهي ڇانيل هئي. علمي ۽ ديني درسگاهون ملڪي سياست جا مرڪز بڻجي چڪا هئا. انهن سڀني حالتن جي مدنظر، انهيءَ دؤر ۾ ذهني، فڪري ۽ عملي اصلاح لاءِ ڪنهن مجدد، مصلح ۽ هاديءَ جي اشد ضرورت هئي. انهيءَ افرا تفريءَ جي دؤر ۾ مشرقي هندستان مان هڪ نئين تحريڪ اڀري، جنهن جي شعاعن جي تپش سموري برصغير کي گرمائي ڇڏيو. اها مهدوي تحريڪ هئي، جا سيّد ميران محمد جونپوريءَ جي نالي منسوب آهي. ابتدا ۾ هن جماعت جو مقصد وڏو نيڪ هو ۽ ڪيترائي وڏا جيد عالم ۽ مخلص ماڻهو ان کان متاثر ٿيا، پر تحريڪ جي بانيءَ جي بعض ڪن شخصي ڪيل دعوائن جي ڪري، ديني عالمن ان جي سخت مخالفت ڪئي، جنهنڪري هيءَ جماعت هڪ خاص حلقي تائين محدود رهي ۽ وڌيڪ اسري ڪانه سگهي.

سيّد محمد المعروف ميران محمد مهدي ١٤- جمادي الاول سنه ٨٤٧هه مطابق سنه ١٤١٣ع سومر جي ڏينهن هندستان جي تاريخي شهر جونپور ۾ ڄائو هو. "خاتم الاولياءَ" سندس لقب هو. پاڻ تاجي- پيٽي سيد هو ۽ سندس نسب جو سلسلو حضرت علي ڪرم الله وجهه سان وڃي ملي ٿو. سندس نسب جو سلسلو هن ريت آهي: سيد محمد بن عبدالله بن عثمان بن موسيٰ بن قاسم بن نجم الدين بن عبدالله بن يوسف بن يحيٰ بن نعمت الله بن اسماعيل بن موسيٰ ڪاظم بن جعفر صادق بن باقر بن زين العابدين بن سيدنا امام حسين بن اميرالمؤمنين سيدنا علي بن ابي طالب ڪرم الله وجهه. سندس طريقت جو سلسلو ڇهن واسطن سان حضرت نظام الدين دهلويءَ جي خليفن تائين پهچي ٿو. سنه ٨٥٢هه ۾ پنجن سالن جي عمر ۾ جونپور جي وڏي عالم ۽ اهل الفضـ

## مهدي تحريڪ جو مقصد ۽ ان جي مخالفت:

مهدوي تحريڪ خالص درويشانہ تحريڪ هئي، پر سيد محمد مهدي جونپوريءَ جي ڪن شخصي دعوائن ڪري، ان جي هرهنڌ سخت مخالفت ڪئي ويئي. مولانا ابوالڪلام آزاد ان تحريڪ جي باري ۾ هن طرح سان رقمطراز آهي تہ ”مهدوي تحريڪ جو بنياد دراصل صداقت ۽ حق پرستيءَ تي قائم هو يعني تہ دعوت، تبليغ حق ۽ احياءِ شريعت، قيام فرض ۽ امربالمعروف ونهي عن المنڪر وغيره، هن جماعت جا سڀئي اغراض ۽ مقاصد هئا. ائين برابر آهي تہ هرنئين جماعت ۽ تحريڪ جا ابتدائي نظريا ۽ حالات بهتر ۽ موزون هوندا آهن، پر پوءِ وقت جي رفتار سان هلندي، ان ۾ بعض ڪي اهڙيون ڳالهيون ۽ نيون بدعتون داخل ٿي ويندون آهن، جيڪي ان تحريڪ جي اصل مقصد ۽ نظريي کي ڪاري ضرب رسائينديون آهن(۱).“ مهدوي تحريڪ جو بہ اڳتي هلي اهوئي ساڳيو حال ٿيو. سيد محمد جونپوريءَ جي مهدوي جماعت جو اهو نظريو هو تہ مجاهدي جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. سڀ کان وڏو مجاهدو اهو آهي تہ الله جي پيدا ڪيل مخلوق کي سڌي ۽ هدايت واري رستي تي هلائجي ۽ شرع محمدي جي حڪمن جي سختيءَ سان پابندي ڪرائجي. سيد محمد مهدي جونپوريءَ جي وعظ ۽ نصيحت ۾ الله تبارڪ تعاليٰ وڏو تاثير رکيو هو، جو هزارين سندس معتقد ۽ مريد بڻيا. ان دؤر جي ڪيترن وڏن بلند پايي جي عالمن، بزرگن، حاڪمن ۽ عوامي ماڻهن سندس هٿ تي بيعت ڪئي(۲).

مولانا آزاد مرحوم هن جماعت جي متعلق پنهنجا تاثرات بيان ڪندي لکي ٿو تہ ”مهدي جونپوريءَ جي مريدن ۽ پوئلڳن ۾ ”عشق حقيقي“ وارو طريقو هو. سندس قول ۽ فعل صحابہ ڪرام جن جي نقش قدم وارو هو ۽ اهائي تصوير اکين اڳيان اچي ٿي ويئي. هيءَ هڪ عشق الاهي جي جان نثارن جي جماعت هئي. سندس معتقدن راهہ حق ۾ سڀڪجهہ ترڪ ڪيو هو ۽ سڀئي دنيوي لڳ لاڳاپا ٽوڙيا هئا(۳). جيتوڻيڪ ميران محمد مهدي جونپوري جي ڪيل مهدويت جي دعويٰ ڪمزور ۽ ضعيف هئي (۴) تہ بہ سندس دؤر جا سڀئي معاصر عالم ۽ مورخ سندس علميت، پرهيزگاري، زهد ۽ تقويٰ جا مدح خوان آهن(۵).“

---

(۱) تذڪره: مولانا ابوالڪلام آزاد، مڪتبہ جديد لاهور، ص ۴۱.

(۲) ايضاً ص ايضاً (۳) ايضاً ص ايضاً

(۴) مولانا آزاد مرحوم (تذڪره) ۾ لکي ٿو تہ ”سنهنجو خيال آهي تہ سيد محمد پنهنجي دعويٰ ۾ سچو هو، ڇاڪاڻ جو ان دؤر جون حالتون اهڙيون هيون، ليڪن غلطي اها ڪيائين جو پاڻ کي مهدي آخر زماني جو تصور ڪيائين ۽ سندس پوئلڳ ان کي غلط سمجهي ويٺا (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”تذڪره ص ۵۳“ جو فوٽ نوٽ).

(۵) ملا عبدالقادر بدايوني اڪبري دؤر جو مصنف سيّد محمد جونپوري کي پنهنجي تاريخ ۾ ”اعاظم اولياي ڪبار“ جي لفظن سان ياد ڪيو آهي. (ڏسو منتخب التواريخ، بدايوني).

(١١) تاريخ فرشتہ: حڪيم محمد قاسم فرشتہ ج ٢، اردو ترجمه شيخ غلام علي اينڊ سنز، لاهور.
(١٢) منتخب التواريخ: ملا عبدالقادر بدايوني، اردو ترجمه لاهور.
(١٣) تاريخ تمدن گجرات: مولانا ابو ظفر صاحب ندوي اعظم گڙهه.
(١٤) مذاهب الاسلام: مولوي نجم الغني رامپوري، ڇاپو پهريون ١٩٠٤ع.
(١٥) سنڌي ادب (اردو): پير حسام الدين راشدي، پاڪستان پبليڪيشنس ڪراچي.
(١٦) قاضي قاضن مضمون: علامه دائود پوٽو مرحوم، "مهراڻ جون موجون" ڪراچي.
(١٧) تاريخ سنڌي ادب: خانبهادر محمد صديق ميمڻ حيدرآباد ڇاپو ١٩٥٤ع.
(١٨) تاريخ جنت السند: مولائي شيدائي- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.
(١٩) تحفة الڪرام- ج ٣، مير علي شير "قانع"- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.
(٢٠) بلوچستان ۾ مهدوي تحريڪ (مضمون): مولائي شيدائي.
(٢١) تاريخ معصومي (سنڌي ترجمو): مير معصوم بکري- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.
(٢٢) تاريخ قديم سنڌ: مرحوم مرزا قليچ بيگ- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.
(٢٣) الوحيد جو اسپيشل "سنڌ آزاد نمبر" ١٩٣٦ع.
(٢٤) تاريخ تمدن سنڌ: مولائي شيدائي، حيدرآباد ١٩٥٨ع.



لذيذ ۽ دل کي سرور بخشيندڙ ۽ تصوف جي مشڪل مسئلن ۽ ان جي پيچيده اصطلاحن کان بلڪل بعيد ۽ صاف آهي.

هنن لاثاني صوفي شاعر جو موت، ٨٣ ورهين جي ڄمار ۾ ٤ـ شعبان المعظم سن ١٠٥٤هه مطابق ١٢- جنوري سن ١٠٤٩ع تي، پنهنجي وطن مالوف ۾ ٿيو هو ۽ اتيئي کيس دفن ڪيو ويو هو.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي (عليه الرحمة) هنن بزرگن متعلق ٿي فرمايو آهي ته:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نه مات
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا!



# ادبي خبرنامو

## سنڌ جي ديني ادب جي نمائش

٧-جنوري ١٩٧١ع تي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي "حيدربخش جتوئي پويلين" ڄامشوري ۾، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اهتمام سان، سنڌ جي ديني ادب جي هڪ عظيم الشان نمائش منعقد ٿي، جنهن جو افتتاح ليفٽيننٽ جنرل رخمان گل، گورنر سنڌ ۽ چانسيلر سنڌ يونيورسٽيءَ ڪيو.

هن نمائش ۾، سنڌ يونيورسٽي لئبرري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ، شاهه ولي الله اڪيڊمي، پير جهنڊي جي ڪتبخاني، ڊاڪٽر نور محمد ٽالپر جي ڪتبخاني ۽ ٻين علمي مرڪزن مان هزارين بي بها مخطوطا ۽ ڇپيل ڪتاب، فني ترتيب سان رکيا ويا هئا. انهن ۾ قلمي قرآن شريف، حديث، فقه، تصوف، اصول حديث، اصول فقه، سيرت، تذڪره ۽ ٻين ديني فنن تي، سنڌ جي پراڻن برگزيده روزگار عالمن، مفسرن، محدثن ۽ فقيهن جا علمي شاهڪار رکيل هئا. انهن کان علاوه اڄ تائين ڇپيل سنڌي ديني ڪتابن ۽ رسالن جو پڻ وڏو ذخيرو رکيل هو.

نمائش جي افتتاحي تقريب ۾، سڀ کان اول پروفيسر الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه، وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽيءَ، استقباليه خطبو پڙهيو، جنهن ۾ موصوف سنڌ يونيورسٽيءَ جي تعليمي خدمتن ۽ سنڌ جي عالمن جي علمي ڪارنامن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو.

محترم شاهه صاحب چيو ته

"... ديني ادب ۾، برصغير جو ڪو به حصو سنڌ کان اڳتي وڌي نه سگهندو. برصغير ۾ قرآن شريف جو پهريون ترجمو، جيڪڏهن ڪنهن زبان ۾ ڪيو ويو ته اهو ٽينءَ صديءَ هجريءَ ۾ سنڌي زبان ۾ ڪيو ويو ۽ ڏهين صديءَ هجريءَ ۾ حضرت مخدوم نوح هالائيءَ فارسيءَ ۾ پهريون ترجمو ڪيو. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان وٺي عبيدالله سنڌيءَ تائين ٿي گذريل، سنڌ جي عالمن ۽ سنڌ جي تصنيفات کي، ڪي بيخبر ئي نظرانداز ڪري سگهندا."

جناب شاهه صاحب کان پوءِ، مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ تقرير ڪئي، جنهن ۾ هن صاحب سنڌ جي ديني ادب جي موجوده وسيع سرمايي جو ذڪر ڪيو ۽ اوائلي دور ۾، سنڌ جي

عالمن جي علمي ڪارنامن جا عمدا مثال بيان ڪيا. مولانا قاسميءَ جي تقرير کان پوءِ، 'سنڌي ادبي بورڊ' جي سيڪريٽريءَ مسٽر غلام ربانيءَ، بورڊ جا ڇاپيل چونڊ ديني ڪتاب، جناب گورنر صاحب جي خدمت ۾، بورڊ جي پاران، تحفي طور پيش ڪيا، جي موصوف شڪريي سان قبول ڪيا. ان کان پوءِ سنڌ جي مشهور محقق ۽ مورخ جناب سيد حسام الدين راشديءَ سنڌ جي عالمن ۽ اديبن طرفان، گورنر صاحب جي اجرڪ پوشيءَ جي رسم ادا ڪئي، جنهن تي مجلس ۾ شريڪ معزز مهمانن، خواتين ۽ حضرات تحسين جو اظهار ڪيو. ان کان پوءِ سنڌ جي گورنر ليفٽيننٽ جنرل رخمان گل، پنهنجي جوابي تقرير ۾ سنڌ جي عالمن کي خراج تحسين پيش ڪندي فرمايو ته

"اسلامي دنيا ۾ سنڌ اهو مردم خيز خطو آهي، جنهن جي اسلامي خدمتن کي اڳيان رکي کيس 'باب الاسلام' سڏيو ويو آهي. مان سنڌ جي عالمن ۽ بزرگن جا مخطوطا ۽ مسودا ڏسي خوش ٿيو آهيان. سنڌ جي عالمن جا ديني خدمت ڪئي آهي، ان تي اسان کي فخر ڪرڻ گهرجي."

نمائش جي علمي حيثيت کي اڳيان رکي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ هڪ ڪئٽلاگ پڻ شايع ڪيو هو، جنهن ۾ نمائش ۾ رکيل، ڇپيل ڪتابن ۽ مخطوطن جي تفصيل سان لسٽ ڏني وئي هئي. ان ۾ عربي، فارسي ۽ سنڌي زبان جي هزارن ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪتابن جو جامع تذڪرو موجود آهي.

هن نمائش کي هزارن علم دوست ماڻهن ڏٺو ۽ پسند ڪيو.

—ادارو



سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.